REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمعو 19 جنوري 2024ع بمطابق 07 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:234

عوام جو ساٿ هجي ته دنيا جي ڪا به طاقت اسان جو رستو روڪي نه ٿي سگهي: بلاول

10 نڪاتي ايجنڊا غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري سان مقابلي لاءِ آهي، اسان نه رڳو سنڌ پر وفاق ۾ به حڪومت ٺاهينداسين ۽ غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري جو مقابلو ڪنداسين

اسان ٻوڏ ڪانپوءِ متاثرن جي مدد ڪئي، گهر ٺاهڻ جو سڀ کان وڏو منصوبو سنڌ حڪومت هلائي رهي آهي، نگران حڪومت ۾ منصوبا سست ٿي ويا آهن پر چونڊون کٽي ٻيهر ڪم شروع ڪنداسين

تعليمي ادارا قائم ڪنداسين، عوام کي صحت جون سهولتون ڏينداسين، ٻيون جماعتون سياسي انتقام لاءِ وڙهي رهيون آهن، پ پ اڪيلي جماعت آهي، جيڪا عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي

شهيد بي بي جو منشور هو ته بينظير اينڊي روزگار آڻينديس، اڄ به عوام اٿي، لٿي ۽ اڃهي جو مطالبو ڪري رهيو آهي، اسان سڀ گڏجي پ پ جي منشور تي ڪم ڪنداسين

پ پ جي حڪومت آئي ته پورهيت، هاري ۽ يوٿ ڪارڊ آندا ويندا، نوشهروفيروز لاءِ خاص پلان آهي، ٻوڏ سبب ضلعي ۾ وڏو نقصان ٿيو، عوام سنڌس ساٿ ڏي، گهر ٺاهڻ وارو منصوبو سنڌ ۾ شروع ٿي چڪو آهي

نوشهرو فيروز/ ٺٽوالهيار/ ٽنڊومحمد خان/ شيخ پرڪيو/ ميهڙ (نمائندن وٽان) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ملڪ ۾ تير ۽ شينهن جو مقابلو آهي، عوام پ پ کي وڏي اڪثريت ڏياريندو، وڏو وزير ۽ وزيراعظم به جيالو هوندو، نوشهري فيروز ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ جو عوامي معاشي معاهدو غربت سان مقابلي لاءِ آهي، 10 نڪاتي ايجنڊا غربت، مهانگائي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ميهڙ: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا کي اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا کي اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ذوالفقار مرزا ۽ سنڌس گهرواري ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف داخل آئيني درخواستن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ايران کي اڳرائي جو جواب ملي ويو، پاڪستان جو ايراني سرحد اندر فضائي آپريشن، ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا

18 جنوري جي صبح پاڪستان، ايران ۾ حملا ڪيا ۽ انهن دهشتگردن خلاف ڪارروائيون ڪيون جيڪي پاڪستان ۾ تازن حملن ۾ ملوث هئا، پاڪستان ڊرونز، راڪٽس ۽ ٻين هٿيارن سان ڪارروائيون ڪيون: آءِ ايس پي آر

سيستان ۾ بلوچستان لبريشن آرمي ۽ بلوچستان لبريشن فرنٽ جي ٺڪاڻن کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو، آپريشن ڳجهي اطلاع تي ڪيو ويو ۽ آپريشن جو نالو "مرگ بر سرمچار" رکيو ويو آهي

نشانو بڻايل ٺڪاڻا پاڪستان خلاف ڪارروائين ۾ ملوث دهشتگردن جي استعمال هيٺ هئا، پاڪ فوج دهشتگردن جي ڪارروائين خلاف پاڪستاني شهرن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ مستقل تيار آهي

عوام جي مدد سان پاڪستان سمورن دشمن کي ناڪام بڻائڻ جو عزم ورجائي ٿو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ٻن پاڙيسري ملڪن سان ڳالهين ۽ سهڪار کي همٿي ڏيڻ چاهيون ٿا، دوست ملڪن سان به طرفا معاملا طئي ڪرڻ چاهيون ٿا

ايران جي سرڪاري خبرو اداري ارنا 7 ڄڻن جي مارجي وڃڻ جي تصديق ڪري ڇڏي، حملن ۾ مارجي ويل 7 ڄڻا ايراني شهري نه هئا: سيستان بلوچستان جي ڊپٽي گورنر جنرل علي رضا مرهماتي

پاڪستان ڪجهه سالن کان ايران کي بار بار دهشتگردن جي چرپر بابت آگاهه ڪندو رهيو، آپريشن جي ڪاميابي هٿياربند فوج جي پيشورائي مهارت جو ثبوت آهي: پرڏيهي ترجمان

راولپنڊي (م ڊ) آپريشن مرگ بر سرمچار شروع، پاڪستان جو ايران کي جواب، سيستان ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن تي ڪارروائي، ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر ايران جي علائقي سيستان ۾ ڪيل حملي تي وضاحتي بيان جاري ڪري ڇڏيو، پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، 18 جنوري جي صبح پاڪستان، ايران ۾ حملا ڪيا ۽ انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پاڪستان جي ايران جي علائقي سيستان ۾ ڪيل حملي کان پوءِ جا منظر

ڇا ايران سان لاڳاپا خراب ڪرڻ اسان جي مفاد ۾ آهي؟: عمران خان

ايراني حملي جي مذمت ڪيون ٿا پر معاملاتي ڪيئن پهتا؟، افغانستان جي سهڪار بنا دهشتگردي ختم نٿي ٿي سگهي

وڏي خطرناڪ صورتحال آهي، اهو ڪهڙو عقل آهي ته ڪوئي ملڪ کي ان پوزيشن تي آڻي ڇڏي

ڇا ايران سان سهڪار ختم ڪرڻ اسان جي مفاد ۾ آهي؟ پارٽ جي پاڪستان بابت پاليسي به ٺهي ناهي

راولپنڊي (م ڊ) تحريڪ انصاف باني عمران خان چيو آهي ته ايراني حملي جي مذمت ڪيون ٿا پر ڏنو وڃي ته معاملاتي ڪيئن پهتا؟ ڇا ايران سان لاڳاپا خراب ڪرڻ اسان جي مفاد ۾ آهي؟ افغانستان جي سهڪار بنا دهشتگردي ختم نٿي ٿي سگهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ايران سان ڇڪتاڻ، قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس طلب

نگران وزيراعظم ڊيوس دورو مختصر ڪري اڄ رات ڏيهه واپس پهچندو

انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ اجلاس ۾ سروسز چيف شريڪ ٿيندا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪ - ايران ڇڪتاڻ ڪانپوءِ جي صورتحال تي غور لاءِ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس اڄ طلب ڪيو ويو، ذريعن موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ايران ۾ مقرر پاڪستاني سفير مدثر ٽيپو وطن واپس پهچي ويو

تهران (م ڊ) ايران ۾ پاڪستان جو سفير مدثر ٽيپو وطن واپس پهچي ويو آهي. ايران طرفان بلوچستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پنج ڀيرا مون کي نه هٽائن ها ته اڄ ملڪ ۾ ڪو به بيروزگار نه هجي ها: نواز شريف

جيڪڏهن مون کي نه هٽايو وڃي ها ته اڄ ملڪ خوشحال هجي ها، ڪو به بيروزگار نه هجي ها

پنج ڀيرا 25 ڪروڙ ماڻهن جي نمائندن کي ڪڍي ڇڏيو، نه ڪڍيو وڃي ها ته اڄ حافظ آباد ۾ ڪو به شخص بيروزگار نه هجي ها

مون کي وزارت عظميٰ تان نه هٽايو وڃي ها ته اڄ ملڪ خوشحال هجي ها، ملڪ ۾ مهانگائي نالي ڪا شيءِ نه هجي ها

حافظ آباد: نواز ليگ سربراهه نواز شريف چونڊ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

حافظ آباد (م ڊ) نون ليگ قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي ته جيڪڏهن مون کي نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پاڪ - ايران ڇڪتاڻ تي مشاهد حسين سيد جي چين کي درخواست

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽ جي بچاءَ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين ۽ ن ليگ اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چين جي پاڪ - ايران ڇڪتاڻ تي ٽياڪڙي جي آڇ

پاڪستان ۽ ايران خطي ۽ مسلم دنيا جا به اهم ملڪ آهن: قونصل جنرل

اسان ٻنهي ملڪن کي اختلافن تي صبر جو مظاهرو ڪرڻ جي اپيل ڪيون ٿا

اسلام آباد (م ڊ) چين جي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ايران طرفان پاڪستان جي صوبي بلوچستان ۾ حملي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان ۽ ايران ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪن جنهن سان حالتون وڌيڪ سنگين طرف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪستان تي حملو ڪندڙ هاڻ سئو ڀيرا سوچيندا: آصف زرداري

ڪو به ملڪ پاڪستان ڏانهن ڏسندو ته ان کي ائين ئي جواب ڏنو ويندو، پاڪستان جي فوج دنيا جي بهترين فوج آهي

اسان سدائين دنيا ۾ امن جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ سدائين دنيا ۾ امن قائم رکڻ جو ڪم ڪيو آهي

پنهنجي پاڙيسري ملڪن سان بهترين لاڳاپا چاهيون ٿا پر برابري جي بنياد تي: جاري ڪيل بيان

ڪراچي: اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان جي يو پي سربراهه صاحبزاده ابوالخير زبير ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ايران ۾ ڀرپور جوابي ڪارروائي تي ردعمل ۾ چيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

احتساب عدالت فواد چوڌري کي جوڊيشل ريمانڊ تي اڊيالا جيل اماڻي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي احتساب عدالت جهلم ۾ تعميراتي منصوبن ۾ ڪرپشن واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پاڪستان پنهنجي قومي سلامتي ۽ علائقائي سالميت تي ٺاهه نه ڪندو: صدر

دهشتگردي هڪ گڏيل چئلينج آهي، ان جي خاتمي لاءِ عالمي ڪوشش جي ضرورت آهي

پاڪستان سڀني رياستن جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جو مڪمل احترام ڪري ٿو

پاڪستان ۽ ايران پاڙي ملڪ آهن، مسئلن کي ڳالهين ۽ گڏيل مشاورت سان حل ڪرڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي قومي سلامتي ۽ علائقائي سالميت تي ٺاهه نه ڪندو، پنهنجي سرزمين جي دفاع لاءِ سڀئي ضروري قدم کڻندا سين. ايران صدر جي پريس ونگ پاران جاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نگران وزيراعظم سان سعودي پرڏيهي وزير جي ملاقات

ويجها پاڙيسري لاڳاپا علائقائي استحڪام جو ذريعو آهن: نگران وزيراعظم

پاڪستان جي عوام سعودي عرب جي قيادت ۽ عوام لاءِ انتهائي احترام جا جذبا رکي ٿي

ڊيووس (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سعودي عرب جي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان بن عبدالله ڊيووس ۾ عالمي اقتصادي فورم جي سالياني اجلاس جي موقعي تي ملاقات ڪئي ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جنهن سياسي اڳواڻ جي تصوير هجي ان تي ڪيس داخل ڪيو وڃي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ مان سياسي اڳواڻن جا سائن بورڊ ۽ هورڊنگز هٽائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

هي مهذب ماڻهن جو شهر آهي يا جهنگ؟ ڪراچي کي جهنگ نه بڻايو، اسان شهر ۾ ايندڙن کي ڇا ڏيکارڻ چاهيون ٿا؟: عدالت

بل بورڊن تي جنهن سياسي اڳواڻ جي تصوير هجي، ان خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق سان سعودي سفير سان ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي مان سياسي اڳواڻن جا سائن بورڊ ۽ هورڊنگز هٽائڻ جو حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صدر پاران پشاور هاءِ ڪورٽ جي ٽن ايڊيشنل ججن جي ملازمت جي مدي ۾ واڌ

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي پشاور هاءِ ڪورٽ جي ٽن ايڊيشنل ججن جي ملازمت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نواز ليگ دور ۾ ايران سان بهتر لاڳاپا رهيا: خواجا آصف

ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ايران سان لاڳاپا وڌيڪ خراب نه ٿين

دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته ڪين ڇڪتاڻ کان بچاءَ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ايران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نواز شريف سڄو ڏينهن پريشان رهندو آهي ته مهانگائي ڪيئن ختم ڪجي: مريم نواز

اسان 28 مئي وارا آهيون 9 مئي وارا نه. 28 مئي وارا ملڪ کي سنوارڻ وارا ۽ 9 مئي وارا تباهه ڪرڻ وارا آهن

جيڪو شخص توهان کي شهيدن جي يادگارن تي حملي جو چئي اهو ڪڏهن به توهان جو همدرد نٿو ٿي سگهي

واعدو ڪيو هو ته نواز شريف کي توهان وٽ آڻينديس، اڄ مان واعدو پورو ڪري ڇڏيو، نواز شريف توهان وٽ آهي

حافظ آباد (م ڊ) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته اسان 28 مئي وارا آهيون 9 مئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ميزائل حملا: عراق به ايران مان پنهنجو سفير واپس گهرائي ورتو

ايران اسرائيل تي حملو نٿو ڪرڻ چاهي يا نٿو ڪري سگهي: عراق

ان ڪري هو پنهنجي پرسان سولا هدف ڳولي رهيو آهي

بغداد (م ڊ) عراق ميزائل حملن کان پوءِ ايران مان پنهنجو سفير واپس گهرائي ورتو ۽ ايران خلاف سلامتي ڪائونسل ۾ وڃڻ جو اعلان ڪيو آهي، پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي سان نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه جي ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ٽنڊو محمد خان: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري ڪارڪنن جي نعرن جو هٿ لوڏي جواب ڏيندي

سويلينز جو ٽرائل، سپريم ڪورٽ جي 6 رڪني بئنچ درست ناهي: درخواست

اڳوڻي چيف جسٽس جواد ايس خواجا بئنچ ٻيهر جوڙڻ جي درخواست ڪري ڇڏي

خاص عدالتن تي اپيل تي ٻڌڻي لاءِ 7 رڪني بئنچ جوڙي وڃي: جواد ايس خواجا

اسلام آباد (م ڊ) خاص عدالتن ۾ سويلينز جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ خلاف اپيل جي ڪيس ۾ اڳوڻي چيف جسٽس جواد ايس خواجا بئنچ ٻيهر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

شهباز شريف طرفان ايران ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن تي فورسز کي پيٽا

پنهنجي ٻن پاڙيسرين سان امن چاهيون ٿا ۽ پنهنجي بچاءَ جو حق به محفوظ رکون ٿا، قوم فوج کي سلام پيش ڪري ٿي

آپريشن مرگ بر سرمچار تي قوم پنهنجي بهادر فوج کي سلام پيش ڪري ٿي: ٽوئٽر تي جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف ايران ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن تي فورسز کي پيٽا ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايران ۽ پاڪستان تڪرار جو سياسي ۽ سفارتي حل ڪڍن: روس

ڇڪتاڻ خطي جي امن ۽ استحڪام ۾ دلچسپي نه رکندڙن جي هٿن ۾ رانديڪو بڻجندي

ٻئي ملڪ ۾ دهشتگردي خلاف ڪارروائي ان ملڪ جي انتظاميا جي سهڪار ۽ معاهدي تحت ٿيڻ گهرجي

ماسڪو (م ڊ) روس ڇڪتاڻ جي صورتحال ۾ پاڪستان ۽ ايران تي زور ڏنو آهي ته اهي صبر جو مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان ڪشمير ايجوڪيشن فائونڊيشن جو وفد ملاقات ڪندي

پاڪستان ۽ ايران کي هاڻي صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي: شيري رحمان

ايران طرفان پاڪستان جي خودمختاري تي حملي جو امڪان نه هو، ان کي خدشا هئا ته هو آگاهه ڪري ها

پاڪ ايران سرحد تي ڪيترن ئي سالن کان اهڙي قسم جا اشو ٿيندا رهيا آهن، پاڪستان ايران کي گهڻو سوچي سمجهي جواب ڏنو آهي

پاڪستان جا ايران سان پراڻا رابطا آهي، لاڳاپا بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي: خانگي ٽي وي سان ڳالهين

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته پاڪستان ۽ ايران کي هاڻي صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. ايران طرفان پاڪستان جي خودمختاري تي حملي جو امڪان نه هو، ايران کي جيڪڏهن خدشا هئا ته هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايران سان ڇڪتاڻ: پاڪستان اڏامن جي سخت مانيٽرنگ شروع ڪري ڇڏي

مغربي سرحدن تي فضا ۾ ٿيندڙ هر سرگرمي کي سختي سان مانيٽر ڪيو پيو وڃي، الرٽ رهڻ جي هدايت

ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول کي ايران سميت سمورين مغربي اڏامن جا تفصيل گڏ ڪرڻ جي هدايت ڏني وئي

ايران ۽ پاڪستان وچ ۾ ڪمرشل اڏامن جي بندش جي اڃان تائين ڪا به هدايت نه ملي سگهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايران سان جاري ڇڪتاڻ جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پاڪستان اڏامن جي سخت مانيٽرنگ شروع ڪري ڇڏي آهي، رپورٽ موجب پاڪ ايران ڇڪتاڻ جي حوالي سان پاڪستان ايران سميت يورپي ملڪن مان ايندڙ اڏامن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مڪمل طور پاڪ فوج سان گڏ بيٺا آهيون: پي ٽي آءِ

ايران ۾ حملا ملڪي سلامتي ۽ خود مختياري لاءِ اٽڪر آهن

اميد ته ايران وڌيڪ ڇڪتاڻ بدران ذميواري جو مظاهرو ڪندو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف ترجمان چيو آهي ته ٻاهرين جارحيت جي مقابلي لاءِ پي ٽي آءِ مڪمل طور پاڪ فوج سان گڏ بيٺي آهي. پاڪ - ايران ڇڪتاڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بصر 300 رپيا ڪلو ٿيڻ باوجود واپار واري وزارت جو برآمد تي پابندي کان انڪار

اسان بصر جي برآمدي قيمت گهٽ کان گهٽ 1200 ڊالر ڪري ڇڏي آهي: واپار وارو سيڪريٽري

فوري طور بصر جي برآمد تي پابندي نٿا هڻي سگهون، برآمد تي گهٽ کان گهٽ قيمت مقرر ڪئي آهي

بصر جي قيمت برآمد سبب ناهي وڌي، مقامي انتظاميا اگهه ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدم کڻي

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽ جي واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ بصر جي اگهه ۾ واڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

آءِ جي سنڌ اليڪشن ڪميشن کي عام چونڊن دوران مڪمل سڪيورٽي جي خاطري ڪرائي ڇڏي

چيف اليڪشن ڪمشنر سنڌ شريف الله آءِ جي سنڌ رفعت مختار سان ڪراچي پوليس آفيس ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات دوران عام چونڊن بابت پولنگ جي مجموعي عمل ۽ فراهم ڪيل سڪيورٽي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ ۾ قائم ڪيل سمورين پولنگن ۾ سڪيورٽي جا انتظام ڪرڻ ۾ سمورا آفيسر مصروف آهن: آءِ جي سنڌ

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شمشاد اختر تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ رفعت مختيار اليڪشن ڪميشن کي عام چونڊن دوران مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سڀني ملڪي ايئر لائنز کي ايراني فضائي حدن کان پاسو ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (م ڊ) پاڪ - ايران ڇڪتاڻ کي ڏسندي پي آءِ اي سميت سڀني پاڪستاني ايئر لائنز کي ايراني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڏکڻ اولهه سرحد تي ڇڪتاڻ باوجود ريئي جو قدر وڌڻ جو سلسلو برقرار

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي ڏکڻ اولهه سرحد تي ڇڪتاڻ باوجود ريئي جو قدر وڌڻ جو سلسلو برقرار رهيو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽر بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ايران جي پاڪستان سان سرحدي بارڊر تي اچ وڃ جاري رهڻ جي دعويٰ

گذريل ڏينهن 258 ايراني ٽرڪون ۽ ٽرالر ميرجاوه بارڊر کان ايران ۾ داخل ٿيا: ايراني ميڊيا

گاڏين جي اچ وڃ جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي ۽ ان حوالي سان اڃا تائين ڪو مسئلو پيش ناهي آيو

تهران (م ڊ) ايراني خبرو اداري دعويٰ ڪئي آهي ته پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ زميني بارڊر تي واپاري شين جي چرپر جاري آهي. ايراني ميڊيا ميرجاوه/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اوگرا سوئي سدرن سسٽم تي ايل اين جي سستي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل اين جي سستي ڪري ڇڏي. اوگرا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

نگران وفاقي وزير عمر سيف سوئيزرلينڊ ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

الله ناراض ٿئي، الله جو عذاب ٿئي: بشريٰ بي بي جو عدالت ۾ وڏي آواز ۾ مڪالمو

سائفر ڪيس جي ٻڌڻي دوران عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جو قرآن پاڪ تي هٿ رکي بيان ڏيڻ جو مطالبو

مان قرآن پاڪ گهرائي ورتو آهي (جج) مسلمانن ۾ وڏا وڏا منافق به آهن. جيڪي قرآن پاڪ تي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن: عمران خان

اعظم خان جي بيان قلمبند ڪرائڻ وقت پراسيڪيوٽر جي مداخلت تي پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي ردعمل به ڏنو

راولپنڊي (ويب ڊيسڪ) سائفر ڪيس جي ٻڌڻي دوران تحريڪ انصاف باني ۽ شاهه محمود قريشي قرآن پاڪ تي هٿ رکي بيان ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو سائفر ڪيس جي ٻڌڻي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي جج ابوالحسنات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير محمد علي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ دهشتگردي ۾ ملوث عنصرن جو ايران ۾ موجود شدت پسندن سان رابطي جو انڪشاف

ڪراچي ۾ دهشتگردي ۾ ملوث شدت پسندن جا پيرا ايران ۾ موجود پاڪستان دشمن دهشتگرد جماعتن ڏانهن وڃن ٿا: عمر خطاب

ايران ۾ پاڪستان دشمن پسند بي ايل اي، بلوچ عليحدگي پسند جماعت، لياري گينگ وار ۽ را جا ايجنٽ موجود آهن

ڪراچي ۾ هڪ اسلامي ملڪ جي سفارتڪار جي قتل ۾ ملوث دهشتگرد 12 سالن کان ايران ۾ موجود آهن

ڪراچي (م ڊ) دهشتگردي ٽوڙ کاتي جي سربراهه راجا عمر خطاب چيو آهي ته پاڪستان، خاص طور ڪراچي ۾ دهشتگردي ۾ ملوث شدت پسندن جا پيرا ايران ۾ موجود پاڪستان دشمن دهشتگرد جماعتن ڏانهن وڃن ٿا، جن کي پارٽي ڳجهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان ۾ آصفه ڀٽو زرداري جي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ آمد، شاندار استقبال

آصف ڀٽو جي ٽنڊو الهيار آمد تي سيد ضيا عباس شاهه رضوي طرفان جلسو منعقد ڪيو ويو

پ پ عورتن جي مدد ڪئي، اسان هميشه غريبن مسڪينن جي مدد ڪئي: آصفه ڀٽو زرداري

اسان ملي ڪري ڪم ڪنداسين ته دنيا جي ڪا به طاقت اسان کي روڪي نٿي سگهي، جلسي کي خطاب

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ) ٽنڊو محمد خان ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ڌيءَ آصفه ڀٽو زرداري جي آمد تي هزارين ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان ۾ آصفه ڀٽو زرداري جي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ آمد جو ڏيک

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ ذوالفقار مرزا کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت

ٻڌڻي دوران اعتراض ڪندڙ خانگي بئنڪ ۽ درخواستگذار جو وڪيل به عدالت ۾ پيش ٿيو

اڳوڻي گهرو وزير جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف اپيلن تي ڌرين کان جواب طلب ڪيو ويو

پيپلز پارٽي جي سعيد جاويد ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ ذوالفقار مرزا خلاف اعتراض داخل ڪيا هئا

بدين (رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پاڪستان اندر جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ شفاف چونڊون ضروري آهن: مقررين

سکر جي چونڊ اميدوارن ۽ سياسي اڳواڻن چونڊن ۾ شفافيت تي ڳڻتي ظاهر ڪري ڇڏي

سياسي جماعتن ۽ اميدوارن سان اليڪشن ڪميشن جي اخلاقي ضابطن بابت ڪچهري ٿي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي چونڊ اميدوارن ۽ سياسي اڳواڻن چونڊن ۾ شفافيت تي ڳڻتي ظاهر ڪندي اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو ۾ عام چونڊن جي حوالي سان اعليٰ سطحي جي گڏجاڻي، اهم معاملن تي ڳالهيون

8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن جي حوالي سان اعليٰ سطحي جي گڏجاڻي تي گذري

اجلاس دوران ضلعي جي ٻن قومي ۽ چار صوبائي سيٽن جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

صاف شفاف ۽ اڻ ڏريون چونڊون ڪرائڻ اسان سڀني جو قومي فرض آهي: فياض حسين راهوجو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر/ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو جي صدارت هيٺ دادو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن جي حوالي سان اعليٰ سطحي جي گڏجاڻي تي گذري اجلاس جي شروعات حافظ احمد بخش پنهور قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي، اجلاس دوران دادو ضلعي جي ٻن قومي ۽ چار صوبائي ٽڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

چونڊ وقت تي ٿينديون - يا نه اهو اليڪشن ڪميشن ئي ٻڌائي سگهي ٿو: مبين جماڻي

سکر (بيورو رپورٽ) نگران صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ، ٽائون پلاننگ، بحاليات محمد مبين جماڻي چيو آهي ته چونڊ وقت تي ٿينديون، يا نه اهو اليڪشن ڪميشن ئي ٻڌائي سگهي ٿو. اسان امانت طور آيا هون جيستائين اليڪشن ٿيندا اسان پنهنجي خدمت ادا ڪندا رهنداسين جيئن اليڪشن ٿيندا اسان هليا ويندا سين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ عام چونڊن جي حوالي سان اعليٰ سطحي جي گڏجاڻي جو ڏيک

ڏوڪري ۾ پي ايس 13 جي اميدوار عادل الطاف حسين ۽ ٻين پاران شاندار جلسو منعقد

اين اي 195 جي اميدوار کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جيسر شادي هال ۾ شاندار جلسو ڪوٺايو ويو

پ پ سٽي صدر قاضي جميل احمد جوڻيجو، بدرالدين ساريو، عاشق حسين ميمڻ ۽ ٻين پاران شرڪت

انڙ خاندان پهرين به عوام جي خدمت ڪئي آهي، هاڻي به عوام جي ڀرپور خدمت ڪنداسين: عادل الطاف

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پي ايس 13 جي اميدوار عادل الطاف حسن انڙ، عدنان الطاف حسن انڙ پاروشو، شاندار جلسو، گلن جي ورکا، سوين ڪارڪنن ۽ همدردن جي شرڪت، پاڪستان پيپلزپارٽي جي پي ايس 13 ۽ اين اي 195 جي اميدوار کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جيسر شادي هال ۾ شاندار جلسو ڪوٺايو ويو جلسي ۾ پي ايس 13 جي اميدوار عادل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سلطانپور ۾ ڄام اڪرام الله ڌاريجو پاران پنوعاقل جي يوسي نارو همٿ ۾ طوفاني دورا

اليڪشن گذرڻ ڏيو سڀ مسئلا حل ڪنداسين (اڪرام ڌاريجو) ووٽ وٺي وري واپس ئي ناهيو ٿيندا ووٽر

ڳوٺن جڙيو انڊڙ، علي حسن انڊڙ، والو انڊڙ، جيئو انڊڙ، منگهومياڻي، جلال انڊڙ، پانڌي مهر ڇتن مهر ۾ ڏانهون

يوسي نارو همٿ جو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر ايڊووڪيٽ گل بهار انڊڙ، يوسي چيئرمين غلام رسول پتافي گڏ هئا

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور اڳوڻي ايم پي اي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي طرفان پي ايس 22 پنوعاقل تي ٻيهر نامزد ٿيل اميدوار ڄام اڪرام الله ڌاريجو پاران پنوعاقل جي يوسي نارو همٿ ۾ طوفاني دورا، ڪارنر گڏجاڻيون عوام پاران ڀرپور موٽ، اليڪشن گذرڻ ڏيو سڀ مسئلا حل ڪنداسين، اڪرام ڌاريجو، ووٽ وٺي وري واپس ئي ناهيو ٿيندا، علائقي واسي تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

زرعي يونيورسٽي جي 12 هين ڪانووڪيشن ۾ 811 گريجوئيٽس کي ڊگريون ۽ ميڊلز فراهم

ٽنڊوڄام (رپورٽر) سنڌ زرعي يونيورسٽي جي 12 هين ڪانووڪيشن ۾ 811 گريجوئيٽس کي ڊگريون ۽ ميڊلز سان نوازايو ويو. پوزيشن حاصل ڪندڙن کي 100 ميڊل ۽ 59 پي ايچ ڊي جون ڊگريون ڏنيون ويون. خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي جو 12 هون ڪنووڪيشن ٿي گذريو، جنهن جي صدارت وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سلطانپور ۾ ڄام اڪرام الله ڌاريجو پاران پنوعاقل جي يوسي نارو همٿ ۾ طوفاني دورا ڪيا

اڳوڻو وڏو وزير مراد علي شاهه اليڪشن جي سلسلي ۾ چاڪر خان شاهاڻي جي گهر پهتو

صوبائي پي ايس 83 تي چاڪر خان شاهاڻي پير صالح شاهه جيلاني جي حق ۾ هٿ کڻي ويو

دوري دوران محبوب عباسي، سڪندر راهپوٽو، آصف شاهه، اشفاق پنڊ، اڪبر پنهور ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن جو منشور غريب عوام کي اٽو، لٽو ۽ اجهو فراهم ڪرڻ آهي: مراد علي شاهه

دادو (رپورٽر) اڳوڻو وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه دادو ۾ شاهاڻي هائوس پهتو پيپلز پارٽي اڳواڻ چاڪر خان شاهاڻي وٽ پهچي سائنس ملاقات ڪئي، ملاقات دوران ايندڙ اليڪشن متعلق ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، پيپلز پارٽي جو ناراض اڳواڻ سردار چاڪر خان شاهاڻي، پ پ طرفان صوبائي ٽڪ جوهي تي سردار چاڪر خان شاهاڻي پ پ جي نامزد اميدوار صالح شاهه جي حق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي جي ملير واري علائقي ۾ هٿياربندن هٿان دڙو واسي نوجوان گولين هڻي قتل

قتل ٿيل دڙي واسي نوجوان سڪيورٽي گارڊ دلدار شاهه جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

دڙي لڳ ڳوٺ درملوڪ شاهه ۾ تدفين، هٿياربندن جا چهرا سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ظاهر ٿي ويا آهن

پوليس جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو، نوجوان جي ڪفن دفن بعد ملير ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ويندو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڪراچي جي ملير واري علائقي ۾ هٿياربندن هٿان دڙو واسي نوجوان گولين هڻي قتل. نوجوان جي دڙي لڳ ڳوٺ درملوڪ شاهه ۾ تدفين. هٿياربندن جا چهرا سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ظاهر. ڪيس داخل نه ٿيو. تفصيل موجب گذريل ڏينهن ڪراچي جي ملير واري علائقي ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل دڙي واسي نوجوان سڪيورٽي گارڊ دلدار شاهه جو لاش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ميرپورماٿيلو ۾ زرعي پاڻ جي هڙادو ڪوٽ خلاف نوجوان اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ زرعي پاڻ جي هڙادو ڪوٽ خلاف نوجوان اتحاد ميرپورماٿيلو جي سڏ تي ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس جي مک گيٽ آڏو سياسي سماجي اڳواڻن ۽ آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو. ڊي سي آفيس جو مک گيٽ ڪن ڪلاڪن تائين بند. ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي اي ڊي سي ون ۽ پاڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دڙو: ملير ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل نوجوان جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

صوفي بزرگ سيد انور شاهه بخاري جي 63 هين عرس مبارڪ جون تقريبون شروع

عرس جي 63 هين عرس مبارڪ جون تقريبون جهانپور شريف ۾ شروع ٿي رهيون آهن

درگاه جي گادي نشين صوفي فقير سيد سخاوت حضور بخاري ۽ ٻيا چادر چاڙهي افتتاح ڪيو

سرهڙ (رپورٽ) سنڌ جي مشهور صوفي بزرگ سيد انور شاهه بخاري جي 63 هين عرس مبارڪ جون تقريبون جهانپور شريف ۽ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ماٿلي ۾ ايوب پلازه روڊ تي بي هوشي واري حالت ۾ مليل 50 سالا پيرسن فوت

بي هوشي واري حالت ۾ مليل پيرسن کي شهرين پاران تعلقه اسپتال ماٿلي پهچايو ويو

سائيمل عيساڻي جو تعلق ٽلهار شهر جو رهواسي هو دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿيو: پوليس

ماٿلي (رپورٽر) ماٿلي ۾ ايوب پلازه روڊ تي بي هوشي واري حالت ۾ مليل 50 سالا پيرسن فوت ٿي ويو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

توهان ٻين پارٽين کي ٻه دفعي ووٽ ڏئي آزمايو هاڻي اسان کي ووٽ ڏيو: سراج الحق

پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ جي حڪومت ملندي ته هو پنهنجي پارٽين کي نوازيندا توهان کي نه: ڳالهيون

سکر (رپورٽ) جماعت اسلامي جو امير سراج الحق ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: سراج الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ سرهندي خاندان جي نوجوان پاران پ پ ۾ شموليت جو اعلان

معصوم جان سرهندي ۽ غلام مجدد جان بلال ڀٽو سان ملاقات ڪري شموليت ڪري ڇڏي

ضلعي توڙي يوسي ٽنڊو سائينداد جي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏينداسين: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) سرهندي خاندان جي چشم چراغ نوجوان پير عمر خليل جان سرهندي پير معصوم جان سرهندي ۽ پير غلام مجدد جان سرهندي پ پ چيئرمين بلال ڀٽو سان ملاقات ڪري پ پ ۾ شموليت ڪري ڇڏي خبر موجب ٽنڊو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

عادلپور ويجهو علائقي جي معزز شخصيت منظور احمد خان مهر جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

الشڪور فائونڊيشن جي چيئرمين ڊاڪٽر شڪور احمد خان مهر جي والده دم ڏئي حوالي ڪيو

جنازي ۾ سياسي سماجي ڳوٺاڻن صحافين سميت ڪيترن ئي ڳوٺ جي ڇڳن ماڻهن شرڪت ڪئي

عادلپور (رپورٽ: اسلم مهر) عادلپور ويجهو علائقي جي معزز شخصيت منظور احمد خان مهر ظهور احمد خان مهر الشڪور فائونڊيشن جي چيئرمين ڊاڪٽر شڪور احمد خان مهر جي والده ڪجه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي نجي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڳڙهي خيرو اليڪشن سرگرميون تيز، اعجاز خان جکراڻي پاران اڳواڻن سان ملاقاتون

جاويد خان بليدي مير عبدالجبار خان بليدي مير عبدالرحمان خان بليدي وٽ پهچي ويا

ڳڙهي خيرو مير اعجاز خان جکراڻي مير اورنگزيب پنهور جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو اليڪشن سرگرميون تيز پ پ اميدوار مير اعجاز خان جکراڻي مير جاويد خان بليدي مير عبدالجبار خان بليدي مير عبدالرحمان خان بليدي وٽ پهچي ويا حمايت جو اعلان اسين اقتدار ۾ اچي عوامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽون ديرو ۾ هن دفعي ڪرپشن ڪندڙن کي شڪست نصيب ٿيندي: محمد علي ابڙو

حڪمراني تاريخ جي ناقص حڪمراني ثابت ٿي سنڌ جون اسپتالون روڊ رستا تباهه آهن

ڪروڙا ڏنا ڏئي عوام کي ڏوڪو ڏنو، هوڏ متاثرن جي نالي تي پيپلن ڪروڙين روپيا ڳاهيا آهن

ٺٽون ديرو (رپورٽر) پي ايس 10 رتوديرو جو عوام شعور رکي ٿو هن دفعي ڪرپشن ڪندڙن کي شڪست نصيب ٿيندي پ پ 15 سالن جي حڪمراني تاريخ جي ناقص حڪمراني ثابت ٿي سنڌ جون اسپتالون روڊ رستا تباهه آهن اهڙين خيالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پي ايس 67 جي صوبائي اميدوار ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي پاران اهم گڏجاڻي

حاجي هارون ڪاتيار حاجي محمد عرس ڪاتيار حافظ گل حسن ڪاتيار غلام حسين سان ملاقات

اسان پيپلزپارٽي کي ووٽ ڪندا آيا آهيون پر مصيبتن ۾ پيپلزپارٽي ڪنهن جو به ساٿ نه ڏنو آهي: ڳوٺاڻا

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) پي ايس 67 جي صوبائي اميدوار ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار پهچي اهم گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ جهنگ ڪاتيار جي معززين حاجي هارون ڪاتيار حاجي محمد عرس ڪاتيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

فريال ٽالپر ڪاظم علي شاهه لکياري ۽ سيد محرم علي شاهه لکياري جي دعوت تي پهتي

ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر محرم علي شاهه لکياري جن جي دعوت تي لکياري هائوس پهتي

پ پ اميدوارن کي ڪامياب ڪندو ۽ انشاءَالله ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو هوندو: فريال ٽالپر

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپور تازو پ پ ۾ شامل ٿيندڙ پير آف هنگورجا اڳوڻو ايم اين اي پير سيد ڪاظم علي شاهه لکياري ۽ سيد محرم علي شاهه لکياري جن جي دعوت تي لکياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گهوٽڪي پ پ جو قلعو آهي، 8 فيبروري تي سرپرائيز ڏينداسين: محمد بخش خان مهر

گهوٽڪي ۾ ڪيل مثالي خدمتن ۽ نمايان ڪارڪردگي سبب ممتاز حيثيت جو حامل آهي

پنهنجن پراڻن اتحادين، جيالن ۽ ورڪرن سان مشاورتي گڏجاڻين جو سلسلو جاري آهي: ڳالهيون

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ پي ايس 20 خانگڙهه جي نامزد اميدوار چيف سردار محمد بخش خان مهر چيو آهي ته گهوٽڪي ضلعو پ پ جو قلعو آهي، 8 فيبروري تي عوام جي سهڪار سان سرپرائيز ڏينداسين. اهڙن خيالن جو اظهار هن مهر هائوس خانگڙهه شريف تي ميرپور ماٿيلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي يوٿ ونگ ضلعي جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري جي سالگرهه

ايڊووڪيٽ ظهير احمد ناريجو جي سالگرهه جي موقعي تي تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو

شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ڪئي آهي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي يوٿ ونگ ضلعي جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ظهير احمد ناريجو جي سالگرهه جي موقعي تي تقريب ڪرائي سندس جنم ڏينهن جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، جنهن تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي حسين آباد پاڙي جي رهواسي پيرسن طرفان احتجاجي مظاهرو

حسين آباد پاڙي جي رهواسي پيرسن مبينا طور وڪرو ڪيل زمين جي رقم نه ملڻ خلاف مظاهرو ڪيو

الم آباد پاڙي جي رهواسي بااثر رزاق ابڙو کي سادن 9 لکن عيوض 5 جريب زرعي زمين وڪرو ڪري ڏني: پيرسن

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي حسيناآباد پاڙي جي رهواسي پيرسن طرفان مبينا طور وڪرو ڪيل زمين جي رقم نه ملڻ واري عمل خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن مظهر علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ سنڌ اطلاعات کاتي سکر جا ملازم سراپا احتجاج، قلم ڇوڙ هڙتال

ملازم پنهنجي جائز مطالبن لاءِ مسلسل ٻئي ڏينهن به سراپا احتجاج رهيا

لياقت شاهه، خان محمد سومرو، عزيزالله ميمڻ، انور علي چنا احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلبن تي مطالبن جي مڃتا ۽ حل تائين بڪ هڙتال جاري رکنداسين: اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ اطلاعات کاتي سکر جا ملازم پنهنجي جائز مطالبن لاءِ مسلسل ٻئي ڏينهن به سراپا احتجاج ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر: سنڌ اطلاعات کاتي سکر جا ملازم سراپا احتجاج آهن

آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد جي احڪامن تحت ڪارروايون جاري آهن: ايس ايس پي بدين

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد جي احڪامن تحت ڪارروايون جاري ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غلام الله لڳ درس برادري جي ڪيترن ئي ماڻهن پاران پورهيت جي گهر ڪاهه، عورت سميت 2 زخمي

هٿياربندن خان محمد ملاح جي گهر تي چڙهائي ڪري خان محمد ملاح ۽ سندس گهرواري کي زخمي ڪيو

درس برادري جي ماڻهن سجاد درس، بلو درس، ڪارو درس، ريڊو درس ۽ ٻين گهر تي ڪاهه ڪئي: خان محمد ملاح

درس برادري جي بااثر ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري گرفتار ڪري ڪيس تحفظ مهيا ڪيو وڃي نه ته عدالت ۾ ويندس: ڳالهيون

غلام الله (رپورٽر) غلام الله لڳ درس برادري جي ڪيترن ئي ماڻهن پاران پورهيت جي گهر ڪاهه ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

جهرڪ لڳ ڳوٺ عالي جهرڪ ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي مان ۾ اڳواڻ پاران شاندار آجيان

گذريل 15 سالن ۾ پ پ جيڪا سنڌ جي تباهي برباد ڪئي آهي اها ڪنهن لڪل ناهي: قادر مگسي

سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻو پوندو پنهنجي وطن جي قومي بقاءَ ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ اڳتي اچڻو پوندو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) جهرڪ لڳ ڳوٺ عالي جهرڪ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ اميدوار برائي صوبائي اسيمبلي PS 67 ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اليڪشن 2024 دوران فول پروف سيڪيورٽي لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويندا: ڪمشنر سکر

برساتن جي ڪري ڪجهه اسڪولن جي حالت بهتر نه آهي انهيءَ لاءِ خيما ۽ شاميانه لڳايا ويندا

ته سکر ضلعي ۾ 641 پولنگ اسٽيشنون آهن، 151 انتهائي حساس ۽ 230 حساس پولنگون قرار

اي سيز، نادرا، سيپڪو، روينيو، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ۽ تمام لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

سکر (رپورٽ: امداد علي گگ ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي جنرل اليڪشن 2024 جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيندي چيو آهي ته اليڪشن 2024 دوران فول پروف سيڪيورٽي لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويندا جڏهن ته برساتن جي ڪري ڪجهه اسڪولن جي حالت بهتر نه آهي انهيءَ لاءِ انهن ۾ خيما ۽ شاميانه لڳايا ويندا ۽ پولنگ اسٽيشن تي ڪيمرائون نصب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر: ڪمشنر ڊويزن فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

اين اي 202 جي ڊي جي اي اميدوار سيد غوث علي شاهه پاران اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملاقات

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي اڳوڻو وزير اعليٰ سنڌ، اين اي 202 جي ڊي جي اي اميدوار سيد غوث علي شاهه يوسي گوندرڙو جي مختلف ڳوٺن جو طوفاني دورو ڪري پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملاقات تفصيل موجب تعلقي ڪوٽڏيجي جي يوسي گوندرڙو ۾ اڳوڻو وزير اعليٰ سنڌ سيد غوث علي شاهه يوسي گوندرڙو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽلهار پوليس جي ڪارروائي، 15 ڪلو گرام چرس برآمد، 2 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

پوليس راڄوخاناڻي روڊ لڳ چينل موري روڊ تي گولڊن ڪلر ڪلٽس 113 کي چيڪنگ دوران روڪيو

پوليس ٻن جوابدارن شير علي پٽ محمد صالح کوسو اياز علي پٽ عباس علي کوسو کي گرفتار ڪري ڇڏيو

پوليس پارٽي کي انهي ڪارروائي دوران 30 ڪلو ڪان به مٿي اعليٰ ڪوالٽي جو چرس مليو آهي: ذريعن جي دعويٰ

ٽلهار (رپورٽر) ٽلهار پوليس جي ڪارروائي 15 ڪلو گرام چرس برآمد 2 جوابدار گرفتار ڪيس داخل پوليس اڌ ڪان وڌيڪ چرس ٿين وال ڪري ڇڏيو منشيات فروشن سان ڳجهي ڊيل جا اطلاع خبر موجب ٽلهارسٽي جي گذريل ڏينهن تعلقي ٿاڻي جي پوليس پارٽي گشت ڪري رهي هئي ته راڄوخاناڻي روڊ لڳ چينل موري روڊ تي گولڊن ڪلر ڪلٽس اي ايم وائي 113 کي چيڪنگ دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران ڪراچي شهر ۾ هڙادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

جماعت اسلامي جي حافظ نعيم جي اڳواڻي ۾ مين آفيس جي آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي

گيس ڪمپني پاران ڪراچي ۾ گيس جي هڙادو لوڊشيڊنگ ۽ اوور بلنگ جو سلسلو روڪجي نه سگهي

راشي ڪرپٽ آفيسرن توڙي سياسي اڳواڻن تباهي جي ڪناري تي پهچائي شهر کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (باغي ساگر ڀنڀرو) سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران ڪراچي شهر ۾ هڙادو لوڊشيڊنگ ۽ وڌيڪ بلنگ جو آزار روڪي نه سگهيو جماعت اسلامي جي حافظ نعيم جي اڳواڻي ۾ مين آفيس جي آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي خبرموجب سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران ڪراچي شهر ۾ گيس جي هڙادو لوڊشيڊنگ ۽ اوور بلنگ جو سلسلو روڪجي نه سگهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران هڙادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بلڙي شاهه ڪريم ٻارن جي وظيفي مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ بااثر ڊوائيس هولڊر خلاف احتجاج

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ٻارن جي وظيفي مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ بااثر ڊوائيس هولڊر جي خلاف پورهيت پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو. انصاف جي گهر خبر موجب بلڙي شاهه ڪريم واسي پورهيت الهڏايو جاتوئي پاران ٻارڙن جي وظيفي واري رقم مان ڪٽوتي خلاف پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪي ڊي اي واهه مان پاڻي پريندي پير ترڪڻ سبب ٻڏي فوت ٿي ويل عورت جي وارثن سان تعزيت

محمد عرس ميربحر ۽ جاويد ميربحر جي پاڄاڻي ۽ عبدالله عبدالله ميربحر جي گهرواري جي تعزيت هلندڙ

ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو چيئرمين غلام قادر پليجو، پ پ ٺٽي ضلعي جو صدر صادق علي ميمڻ تعزيت ڪئي

حاجي گل محمد سمون، ڊاڪٽر طفيل احمد ميمڻ، يوسي جنگشاهي جي اڳوڻي يوسي چيئرمين بشير احمد جوکيو پهتا

ٺٽو (ڊ ر) 3 ڏينهن اڳ گجو شهر پرسان کي ڊي اي واهه مان پاڻي پريندي پير ترڪڻ سبب ٻڏي فوت ٿي ويل پ پ ٺٽو جي اڳواڻ محمد عرس ميربحر ۽ جاويد ميربحر جي پاڄاڻي ۽ عبدالله ميربحر جي گهرواري جو ٺڏو گجو شهر پرسان کي ڊي اي نالي لڳ ميربحر ڳوٺ ۾ وڃايو ويو آهي. جتي پ پ اڳواڻ محمد عرس ميربحر، جاويد ميربحر، عبدالله ميربحر ۽ ٻين سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نوشهرو فيروز ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾ اميدوارن پاران ورڪ جو سلسلو تيز ٿي ويو

ممتاز علي چانڊيو ۽ اين اي 206 جي پ پ جي اميدوار ذوالفقار علي ٻهڻ کان سخت پڇاڻو

”اوهان ذوالفقار ٻهڻ کي ووٽ نه ڏيندا ته اوهانجو ووٽ مون کي به نه کپي“: ممتاز علي چانڊيو جا داپا

اڳواڻن جي وڃڻ بعد ڳوٺاڻا مائيڪ تي نه ڏينداسين نه ڏينداسين ٻهڻ کي ووٽ نه ڏينداسين جا نعرا هڻندا رهيا

نوشهرو فيروز (ڊ ر) اليڪشن جي سلسلي ۾ اميدوارن پاران ورڪ جو سلسلو شروع ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر ساڳين ٽڪن تي ساڳين بيٺل اميدوارن کان ووٽرن پاران سخت پڇاڻو ڪيو پيو وڃي نوشهروفيروز جي يونين ڪائونسل پرٿ جي ڳوٺ فضل علي چانڊيو ۾ ڳوٺاڻن پاران PS34 جي پيپلز پارٽي جي اميدوار ممتاز علي چانڊيو ۽ NA206 جي پيپلز پارٽي جي اميدوار ذوالفقار علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهرو فيروز ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾ اميدوارن پاران ورڪ جو سلسلو تيز ٿي ويو

گهارو ۾ شاهين يوٿ ڪائونسل طرفان نوجوان رانديگرن کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ ڪٽون فراهم

گهارو (رپورٽر) شاهين يوٿ ڪائونسل پاڪستان طرفان نوجوان ڪلاڙين کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ گهارو جي الشهباز ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪلاڙين کي ٽيم جي نالي ۽ ڪلاڙي جي نالي سان ڇپيل شرٽون ۽ مڪمل ڪٽون ڏنيون ويون شرٽون ڏيڻ واري تقريب ۾ شاهين يوٿ ڪائونسل جي چيئرمين حنيف ميمڻ، گهارو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمع 19 جنوري 2024ع

سياسي ڪارڪنن تي داخل ٿيندڙ دهشتگردي جا ڪيس

ڌرتي سان محبت فطري عمل آهي، ڪنهن به ڌرتي سان چاهه رکندڙ شخص جي دل مان اها محبت ڏاڍ جي ذريعي ختم هرگز ڪري نٿي سگهجي، پر اهو هڪ اهڙو جذبو آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ جي جيتري به ڪوشش ڪجي، اهو ختم ٿيڻ جي بدران وڌيڪ وڌندو رهندو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ رڳو ڪئلينڊر ۾ سال بدلجندا رهندا آهن، ۽ اسان ڄڻ ته هڪ محدود دائري ۾ هلون پيا. نتيجي ۾ دنيا، اسان کي پنهنجي ڏکي تمام گهڻو اڳتي نڪري وئي آهي. جيڪڏهن زميني حقيقتون ڏٺيون وڃن ته اسان اڄ به ڄڻ ان آمريت واري دور ۾ رهون پيا. جنهن دور ۾ سنڌ جو نالو ڪڻڻ به جهڙوڪ ڪاريهر تي پير رکڻ جي مترادف هو.

عالمي قانون، اخلاقي قدر ۽ جمهوريت هر انسان کي سياسي ۽ اظهار جي آزادي جو حق ڏئي ٿي. آمريت ۾ اهي بنيادي انساني حق غصب ڪيا ويندا آهن. آمريت ۽ جمهوريت ۾ فرق پڻ انهن شين جي هجڻ يا نه هجڻ سان معلوم ٿيندو آهي. اِها اسان جي بدقسمتي چئجي جو هتي اسان وٽ ڪڏهن به ڪنهن کي صحيح معني ۾ اظهار جي آزادي ۽ حاصل ناهي رهي. اسان جي ملڪ اندر جمهوريت ۽ آمريت ۾ ڪڏهن به ڪو واضع فرق ناهي رهيو.

اڄ جي ۽ ماضي جي حالتن جو جيڪڏهن تقابلي جائزو ڪبو ته اسان کي موجوده دور کان وري به ماضي جون حالتون بهتر نظر اينديون.

ماضي ۾ به سياسي قيدين کي جيل ۾ ڪيئي سهولتون حاصل هونديون هيون. جهڙوڪ اخبارون پڙهڻ، ريڊيو ٻڌڻ، خط و ڪتاب، ملاقات جي اجازت ۽ کين عدالتن ۾ پيش ڪرڻ وغيره ان دور ۾ سياسي قيدين سان ڪرمنل قيدين کان به وڌيڪ بدتر سلوڪ نه ڪيو ويندو هو. کين ڪنهي سالن جا سال جبري طور لاپته به نه ڪيو ويندو هو ۽ نه ئي مٿن دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويندا ها.

سياسي وابستگي پڻ اظهار جي آزادي جي ذمري ۾ اچي ٿي. جيڪا پڻ طاقتور ماڻهن کي قبول ناهي. اهي عام ماڻهن جي انهن سياسي پارٽين ۾ شموليت کي قبول ڪندا آهن. جيڪي سندن ڏنل لائينن تي هلنديون آهن. سياست ۽ جمهوريت مڪمل طور تي غير سياسي ۽ طاقتور ماڻهن جي ڪنٽرول ۾ رهڻ سبب ان جي فائدن کان ملڪ ۽ ان جو عوام سدائين محروم رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو ملڪ جو عام ماڻهو سياست ۽ جمهوريت کان خفا خفا نظر اچڻ لڳو آهي، ڇا ڪاڻ ته ان جو ثمر کين حاصل نه ٿي سگهيو آهي ۽ اهي انهن جي اهميت کان صحي معني ۾ واقف نه ٿي سگهيا آهن.

جبري گمشدگين جي حوالي سان سنڌ ۽ بلوچستان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ صوبا آهن. ان حساس ۽ عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويل معاملي کي خوش اسلوبي سان نبيرڻ جي بدران بدستور طاقت جو استعمال جاري آهي. نه ڄاڻ اهو سلسلو ڪٿي وڃي ڪندو؟

جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل معاملو نه رڳو ملڪي پر عالمي ميڊيا جو به موضوع بڻيل آهي. عجيب ماجرا ته اها آهي جو هتي ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو پيو وڃي. جيڪو عمل يقينن ملڪي مفادن جي خلاف ۽ حقيقت کان فراريت آهي.

تازو سنڌ ۾ ڪجهه سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ عمرڪوٽ واسي ارباب ڀيل پڻ شامل آهي. هونئن ته سياسي ڪارڪنن جي گرفتاري ۽ مٿن داخل ٿيندڙ ڪيس اسان لاءِ ڪا نئين ۽ حيرت جهڙي ڳالهه ته ناهي. اهو سلسلو تمام گهڻو پراڻو آهي. پر مٿن داخل ڪيل ڪيسن ۾ دهشتگردي جا قلم شامل ڪرڻ غلط رجحان آهي. جنهن جي اسين مذمت ڪريون ٿا. ان عمل کي اسين سياسي ڪارڪنن کي سياسي سرگرمين مان تخريبي سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ جي سازش سمجهون ٿا.

سياسي ڪارڪنن لاءِ سياسي ميدان کليل ڇڏيو وڃي، ته جيئن نوجوان سياسي ترتيب حاصل ڪندا رهن ۽ مهذب شهري بڻجي وڃن. سندن سياسي رستا روڪ ڪرڻ منجهن انتهاپسندي وڌندي ۽ منفي جذبا بيدار ٿيندا. جيڪي امن و امان جي صورتحال کي سبوتاز ڪري سگهن ٿا. ان لاءِ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سياسي ڪارڪنن مٿان داخل ڪيل ڪيس ختم ڪيا وڃن.

پي ٽي آءِ اليڪشن مان آئوٽ: فائدو ڪنهن کي ٿيندو؟

ايم بي سومرو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري تڏهوڪي آرمي چيف جنرل ضياءالحق ملڪ ۾ آمريت مڙهڻ بعد مسلسل ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جا واعدا ڪرڻ باوجود چونڊون ڪرائڻ کان لنوائيندو رهيو پر جڏهن ان لاءِ چونڊون ڪرائڻ ضروري ٿي ويو تڏهن جنرل ضياءَ پنهنجي آمريتي دور کي جاري ۽ ساري رکڻ لاءِ ملڪ اندر غيرجماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو 1985ع ۾ غيرجماعتي چونڊون ڪرائڻ جو اصل ۾ فيصلو جنرل ضياءَ، محترما بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ موجود پيپلز پارٽي جي مقبوليت جي خوف کي سامهون رکي ڪيو هو چو ته کيس لڳو پئي ته سمورا حربا استعمال ڪرڻ باجود به پيپلز پارٽي کي چونڊن ۾ شڪست ڏيڻ مشڪل عمل آهي. اهوئي سبب هو ته 1985ع جي غيرجماعتي عام چونڊن جو پيپلز پارٽي ...

انهن کي ڪامياب به ڪن ٿا ته اهي آزاد حيثيت ۾ چونڊجي ايندا. هن وقت ته عمران خان سان گڏ بيٺل اڳواڻن جي ان فيصلي پويان ڪيترائي ڪارڻ نظر اچي رهيا آهن. ڪيترائي پي ٽي آءِ اڳواڻ عوام ۾ مقبوليت جي ڪري پي ٽي آءِ سان گڏ بيٺل آهن ۽ ڪيترائي اڳواڻ خاص طور تي پنجاب ۾ ’ن‘ ليگ جي ٽڪيٽ نه ملي سگهڻ ڪري پي ٽي آءِ سان گڏ بيٺل آهن. اگر انهن مان جيڪي چونڊجي اچن ٿا ته انهن تي آئيني طور پي ٽي آءِ ڪنٽرول نٿي ڪري سگهي. چونڊجڻ بعد اهي اگر ’ن‘ ليگ سوڌو ڪنهن به پارٽي ۾ شامل ٿين ته اهو انهن جو آئيني حق تصور ٿيندو. پي ٽي آءِ جي حمايت سان آزاد حيثيت سان جهجهي تعداد ۾ چونڊجي ايندڙ قومي توڙي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن سان ’ن‘ ليگ ۽ پيپلز پارٽي کي به فائدو ٿي سگهي ٿو ته انهن بنهي پارٽين مان ڪنهن ...

باتين جو زبان پر آ نه سڪين
آنکون ني ڪهين، آنکون ني سنين.

آخر ۾ اوهان کي ٻڌايان ته قومي اسيمبلي ۾ عورتن لاءِ 60 مخصوص سيٽون آهن ۽ اقليتن لاءِ 10 سيٽون آهن. مطلب ته قومي اسيمبلي جون ڪل 70 مخصوص سيٽون عام چونڊن بعد سياسي پارٽين پاران حاصل ڪيل سيٽن جي حساب سان الاٽ ٿيڻيون آهن. اگر سموريون سيٽون سياسي پارٽيون کٽي اچن ته عورتن جي في مخصوص سيٽ 4.43 سيٽن تي الاٽ ٿيندي. اگر قومي اسيمبلي ۾ رڳو 35 اميدوار آزاد چونڊجي اچن ته پوءِ سياسي پارٽين کي في سيٽ 3.85 سيٽن تي ملي ويندي، ڇو ته مخصوص سيٽون آزاد ميمبرن کي الاٽ نه ٿينديون آهن. ان جو هڪ مطلب اهو به وٺي سگهجي ٿو ته قومي اسيمبلي جا ٽڪ، جيڪي پي ٽي آءِ جا ...

> تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
> جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزرَ جا آنوا؛
> صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

پاڪستان جو معاشي بحران ۽ خراب حڪمراني

تحرير: حسن جان سومرو

پاڪستان جي معاشي بحران جون اصل پاڙون خراب حڪمراني ۾ آهن. جنهن ۾ سڌارن جي مخالف حڪمران اشرافيه گهرن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ عمل کان خالي طريقا اختيار ڪري رهيا آهن. هن ملڪ جيڪو امداد وارو طريقو ڳولهي لڌو آهي جيڪو طريقو يعني ملڪ گروي رکي قرض وٺڻ ۽ ٻاهرين فنانسنگ يا ٻاهرين ملڪن مان بيل آئوٽ تي ڀاڙيندو رهيو آهي هاڻي ته اُن قابل به ناهي رهيو جو قرضن تي هلي سگهي.

جيستائين بنيادي مسئلن سان گڏوگڏ سياسي مسئلن کي حل نه ڪيو ويندو، تيستائين ملڪ ترقي نه ڪري سگهندو ۽ نه ئي ڳرن قرضن، وڌندڙ قرضن ۽ وڌندڙ مهانگائي جي چار مان نڪري سگهندو. مسلسل مالي عدم توازن ۽ غير منصفانو ٽيڪس نظام، محدود برآمداتي نظام، توانائيءَ جي شعبي تي گردش ڪندڙ قرض، ٽين وال ٽيل سرڪاري شعبا، ۽ گهٽ سيڙپڪاري سبب ملڪ هن نازڪ صورتحال تي اچي بيٺو آهي. ان بنيادي ڍانچي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ جامع رٿابندي جي ضرورت آهي، ۽ پائيدار ترقيءَ لاءِ هڪ اهڙو رستو جوڙيو وڃي جيڪو بجيٽ/ ادائگي جي توازن جي خساري ۽ پرڏيهي مٽاسٽا جي وقتي بحرانن جي جي چڪرن کي مستقل ختم ڪري سگهي.

ان جي بدلي ۾ هڪ با صلاحيت ۽ باهمت قيادت جي ضرورت آهي جيڪا هڪ قابل ٽيم جي اڳواڻي ڪري ۾ بنيادي ڍانچي جي سڌارن کي ڏسي ۽ قدم کڻڻ جو عزم رکي، ويجهي عرصي ۾ ڏکوئيندڙ ...

ڪارروائين خلاف پاڪستاني شهرن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ مستقل تيار آهي. آءِ ايس پي آر پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته اسان جو عزم آهي پاڪستان جي علائقائي حدن جي خودمختياري کي هر صورت ۾ محفوظ بڻائينداسين. عوام جي مدد سان پاڪستان سمورن دشمنن کي ناڪام بڻائڻ جو عزم ورجائي ٿو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ٻن پاڙيسري ملڪن سان ڳالهيون ۽ سهڪار کي هٿي ڏيڻ چاهيون ٿا، دوست ملڪن سان ٻه طرفا معاملا طئي ڪرڻ چاهيون. ايران جي سرڪاري خبرو اداري ارنا پاڪستان جي حملن ۾ 7 ڄڻن جي مارجي وڃڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. ايران جي سرڪاري ميڊيا پاران پاڪستان جي حملي ۾ ...

بقايا 01 ***

جي ٻڌائي ٿي. فهميدا مرزا ۽ ذوالفقار مرزا قومي اسيمبلي جي ٽڪ اين اي 223 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا جڏهن ته ذوالفقار مرزا پي ايس 70.71.72 تان به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. ريٽرننگ آفيسرن ۽ اليڪشن ڪميشن ٽربيونل ٻنهي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا هئا جڏهن ته مٿن بئنڪ ڊيفالٽر هئڻ جو الزام مڙهيو ويو هو سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻنهي اميدوارن جي آئيني درخواستن کي منظور ڪندي کين اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

بقايا 02 ***

بقايا سنڌيار 01

چيو ته ملڪ ڪي ڀٽو جي خاندان جي قربانين بچايو آهي. اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪان وٺي شهيد بينظير ڀٽو جي ڏنل شهادت جي عظيم قربانين جي ڪري ملڪ جي اندر جمهوريت جو نظام روان دوان آهي. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جو فرزند منهنجو ڀاءُ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عوام کي ملڪ جي ترقي خوشحالي غربت جي خاتمي جو عوام دوست منشور ڏنو آهي. سنڌس پيش ڪيل پارٽي منشور ۾ ساڳيو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد بينظير ڀٽو جو نظريو شامل آهي جنهن ۾ ملڪ کي بچائڻ لاءِ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ ڪين ڏکن سورن مان نجات ڏيارڻ آهي. ملڪ ۾ وري چونڊون ٿي رهيون آهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اعليٰ قيادت عوام جي حقن جي ترجماني ڪري رهيو آهي ملڪ کي هاڻي مهانگائي بيروزگاري بدحالي ۽ معاشي بحران مان نجات ڏيارڻ لاءِ نوجوان قيادت بلاول ڀٽو زرداري جي وزيراعظم پاڪستان ٿيڻ سان ملڪ ترقي ڏانهن گامزن ٿيندو. بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي ترقي جو نعرو لڳايو آهي. عوام کي سک جي ساهه کڻڻ لاءِ سياست ۾ حصو ورتو آهي عوام کي پوري ملڪ سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخواهه، بلوچستان ۾ پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرڻو پوندو ته جيئن پ پ جي سنڌ ۽ پاڪستان ۾ هڪ ئي پارٽي جي مضبوط حڪومت قائم ٿي سگهي ته ملڪ خوشحالي ڏانهن اڳتي وڌي سگهي. ملڪ ۾ سياسي پارٽيون صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊن ۾ حصو وٺن ٿيون پر پ پ هميشه عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ عوام سان هر دور ۾ گڏ رهي ٿي. اوهان ملڪ جي ترقي چاهيو ٿا ته ملڪ مان نوجوانن کي روزگار جا موقعا ملي سگهن. نوجوان بيروزگاري جي زندگي کان نجات حاصل ڪري پنهنجو روشن مستقبل بڻائي سگهن ته اسان کي بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪرڻا پوندا. اوهان کي عوام جي بک بدحالي مان هميشه نجات ڏيارڻ ۽ ملڪ کي ترقي ڏانهن اڳتي وٺي وڃڻ جو مقصد ڪامياب ڪرڻو پوندو. ٽنڊو محمد خان ۾ آصف ڀٽو زرداري جي آمد تي جلسي عام ۾ هزارين پ پ ڪارڪنن مرد ۽ عورتن گلن جي ورڪا سان شاندار آجيان ڪئي

بقايا سنڌيار 02

جي مشهور صوفي بزرگ سيد انور شاهه بخاري جي 63 هين عرس مبارڪ جون تقريبون سرحد پرسان جهانپور شريف ۾ باقاعده شروع ٿي ويون آهن. ميلي جو افتتاح درگاهه جي گادي نشين صوفي فقير سيد سخاوت حضور بخاري ۽ ٻيا چادر چاڙهي افتتاح ڪيو. عرس مبارڪ جي تقريبن ۾ شرڪت لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پانڌيئڙن جي آمد جو سلسلو لڳاتار جاري آهي ميلي ۾ سرڪس ۽ موت جي کوهه سميت مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا آهن

بقايا سنڌيار 03

پيرسن کي شهرين پاران تعلقه اسپتال ماتلي پهچايو ويو جتي پيرسن فوت ٿي ويو ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٿيڻ جو سبب دل جو دورو پوڻ ٻڌايو وڃي پيو ٻئي طرف معلوم ٿيو آهي ته پيرسن جو نالو سائيمل عيسائي هو جيڪو تلهار شهر جو رهواسي هو ۽ ڪنهن ڪم سانگي ماتلي آيل هو دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو آهي

بقايا سنڌيار 04

ته اسان کي حڪومت ڏيو شريف خاندان جي شرينن حڪومت ڪئي آهي هاڻي اسان جو حق آهي حڪومت ڪرڻ هاڻي اليڪشن ٿيڻ ٻڌي وڃي سڀ ووٽ وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪتا آهن سراج الحق وڌيڪ چيو ته توهان ٻين پارٽين کي هر دفعي ووٽ ڏئي آزمايو آهي هاڻي اسان جي جماعت کي ووٽ ڏئي آزمايو پيپلزپارٽي ۽ نواز کي حڪومت ملندي ته هو پنهنجن يارن کي نوازيندا توهان اتي هوندؤ سياستدانن جا يار اڳتي هوندا هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي فلسطينن تي ظلم خلاف احتجاج نه ڪيو جماعت اسلامي هنن جي حق ۾ احتجاجي ڪيو هن چيو ته خبر پئي ته ايران کي ڇا ٿي ويو پاڪستان تي حملو ڪيائين پاڪستان جوابي فائرنگ ايران تي حملو ڪري ڪيترائي دهشتگردن کي جهنم ڪيو اسان پاڪستان ۽ ايران کان مطالبو ڪيون ٿا ته ٻئي پاڻ مان غلط فهميون دور ڪن هڪ ٿي وڃن جيڪڏهن پاڪستان ۽ ايران پاڻ ۾ وڙهندا ته فائدو انڊيا کي ٿيندو

بقايا سنڌيار 05

آٽيندس اهڙو اظهار ايس ايس پي بدين مير روحل کوسو گلاب لغاري ٿاڻي جي اوچتو دوري دوران ريڪارڊ چيڪ ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو هن وڌيڪ چيو ته سيني ادارن سان گڏجي 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن دوران فول پروف سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويندا جيئن چونڊن جو عمل خيرخوبي ۽ امن امان سان ٿي گذري جڏهن ته گلاب لغاري ٿاڻي جي نئين عمارت لاءِ پڻ ڪوششون جاري آهن

بقايا سنڌيار 06

نٿا ڪيا وڃن جڏهن ته ڪيئي اهڙا ملازم به آهن جن جي نوڪري جو عرصو ٽيهه سال گذرڻ باوجود اڄ تائين ساڳئي اسڪيل ۾ نوڪري ڪري رهيا آهن ۽ ڪيئي ملازم ترقيءَ جو انتظار ڪندي فوت ٿي چڪا آهن. احتجاج ۾ شامل لياقت شاهه، خان محمد سومرو، عزيزالله ميمڻ، انور علي چنڊ، عبدالحفيظ ناريجو اعليٰ اختيارين (وزيراعليٰ سنڌ، وزير اطلاعات سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري اطلاعات سنڌ نديم الرحمان ميمڻ، ڊائريڪٽرجنرل پبلڪ رليشن سنڌ سليم خان) کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته اسان کي پروموشن سان گڏوگڏ ٽائيم اسڪيل يوٽيلٽي الائونس ۽ ٻيا جائز مطالبا هڪ هفتي اندر حل ڪري ڏنا وڃن ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ جي اطلاعات کاتي جا ملازم اسان سان رابطي ۾ آهن اسان سڀ ملازم گڏجي سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪندي سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن تي مطالبن جي مڃتا ۽ حل تائين بُک هڙتال جاري رکندا سين.

بقايا سنڌيار 07

الله لڳ ڳوٺ ميهار ڪاتيار جي رهواسي پورهيت خان محمد ملاح مڪلي تي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته ڪالهه شام جو هو پنهنجي گهر تي موجود هو ته غلام الله جي رهواسي درس برادري جي ماڻهن سجاد درس، ٻبلو درس ڪارو درس، ريڊنو درس ۽ ٻين سندس گهر تي ڪاهه ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي مٿس ۽ سندس گهر واري تي لٺين ۽ لوهي سيخن سان حملو ڪري پنهنجي ڄال مٿس کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا. هن چيو ته هن مذڪور حملي آورن خلاف غلام الله پوليس پوسٽ تي اين سي داخل ڪرائي علاج لاءِ ليٽر وٺي پاڻ کي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل ڪرايو آهي، جتي سندس علاج جاري آهي. هن چيو حملي آور بااثر هجڻ ڪري انهن خلاف پوليس ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪي ڪيس پنهنجي ئي گهر مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. زخمي پورهيت خان محمد ملاح چيو ته هو ڪراچي جي رهواسي زميندار وٽ هاريو ڪري ان جي زمين ۾ گهر ناهي ٻچن جو بيت گذر ڪري ٿو جنهن زمين سان درس برادري جي ماڻهن جو ڪوءِ واسطو ناهي. ان هوندي به هو ڪيس بلاجواز تنگ ڪري موتمار ڌمڪيون ڏيئي ڪيس پنهنجي ئي گهر مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪا سائنس وڏي ناانصافي آهي، جن مان ڪيس ۽ سندس گهرڀاتين کي نقصان جو انديشو آهي. هن ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته سائنس انصاف ڪري سندس گهر تي حملو ڪري ڪيس ۽ سندس گهر واري کي زخمي ڪندڙ درس برادري جي بااثر ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين گرفتار ڪري ڪيس تحفظ مهيا ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندس.

بقايا سنڌيار 08

قادر مگسي جي مان ۾ وڏيرو پرويز جهرڪ جي ميزباني هيٺ آجياڻي ڏنو ويو جنهن ۾ 8 فيبروري 2024 اليڪشن جي حوالي سان راڄ جي معززين سان پڻ ملاقاتون ڪيون ويون انهي موقعي تي ڳوٺ عالي جهرڪ راڄ جي چڱن مڙس پاران ڀرپور حمايت جو اعلان ڪندي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي مڪمل حمايت جو يقين ڏياريو انهي موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته آئون ڳوٺ عالي جهرڪ جي معززين جو شڪرگذار آهيان جن اليڪشن ۾

منهنجي حمايت ڪئي آهي ۽ اليڪشن مهم جي دوران تڪ واسين پاران جيڪي محبتون ۽ حمايتون ملي رهيون آهن جنهن ڪري مخالفن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن هن چيو ته 8 فيبروري سنڌ جي فتح جو ڏينهن ثابت ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته گذريل 15 سالن ۾ پ پ جيڪا سنڌ جي تباهي برباديءَ ڪئي آهي اها ڪنهن لڪل ناهي. انڪري هاڻي سنڌي جي ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي وطن جي قومي جي بقاءُ ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ اهڙن ماڻهن کي ووٽ ڏئي اسيمبلي ۾ موڪلڻو پوندو جيڪي سنڌ دوست پورهيت طبقي جا نمائينده هجن. ان موقعي انهي تي موقعي آيل معزز مهمانن کي پروگرام جي ميزبان وڏيرو پرويز جهرڪ، وڏيرو عارب جهرڪ، مرتضا جهرڪ، مير خان جهرڪ، نبي بخش جهرڪ، عاشق علي، جهرڪ، محسن جهرڪ، لڪاڏنو جهرڪ، رحمت الله جهرڪ، قمرالدين جهرڪ، عبدالڪريم جهرڪ، خالق جهرڪ ۽ ٻين گلن جي ورڪا ڪري آجيان ڪئي * سنڌ جي ثقافت لونگيون ۽ اجرڪون پارايون ويون

بقايا سنڌيار 09

ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ سندس ور سنڌ جي اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت ملي وئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. ٻڌڻي دوران اعتراض ڪندڙ خانگي بئنڪ ۽ درخواستگذار جو وڪيل به عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت فهميده مرزا ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف هنن جون درخواستون منظور ڪندي فارم بحال ڪري ڇڏيا هنن کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي. ان کان اڳ 15 جنوري تي عدالت قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ سندس ور سنڌ جي اڳوڻي گهرو وزير جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف اپيلن تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 13 جنوري تي جواب طلب ڪيو هو ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ سندس ور ذوالفقار مرزا اليڪشن ٽربيونل پاران نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ واري فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني درخواستون داخل ڪيون هيون جنهن تي ڪالهه سنڌ هائي ڪورٽ طرفان هنن جي نامزدگي فارم بحال ڪرڻ واري فيصلي جي خبر بدين پهچڻ تي شهرين ۽ مرزا جي حامين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي ويئي ۽ بدين ۽ ڪڏڻ شهرن ۾ سوين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا ۽ نچندا رهيا ۽ مرزا گروپ جي حمايت ۾ الله والا چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي صحافين ۾ مٺايون ورهايون ويون ته ٻئي طرف ڊاڪٽر ذوالفقار ۽ فهميدا مرزا جا فارم رد ٿيڻ ڪانبوءِ پ پ طرفان ميدان خالي جي هٺ ۾ اليڪشن ورڪ کي ڪابه اهميت نه ڏيڻ ۽ پنهنجي يقيني ڪاميابي جي اميدن تان پاڻي ڦري ويو ۽ پ پ جي ڪئمپ ۾ مايوسي ڇڪرجي وئي آهي ٻئي طرف مسلم ليگ ن ۽ جي ڊي اي وچ ۾ چونڊ اتحاد ته ٿيڻ ڪانپوءِ بدين جي اين اي 223 ۽ پي ايس 71 بدين تي سيٽن تي جي يو آئي ف ۽ ايس ٽي پي جو پ پ باغي گروپ جي وچ ۾ اتحاد قائم ٿي ويو آهي گذريل ڏينهن قطر مسجد بدين ۾ جي يو آئي ف جي آفيس ۾ بدين جي اين اي 223 تي اميدوار ۽ ضلعي صدر مولوي فتح محمد مهيري پ پ جي باغي اميدوار سردار ڪمال خان چانگ وچ ۾ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پ پ باغي گروپ اين اي 223 تي جي يو آئي ف جي اميدوار مولوي فتح محمد مهيري جي حمايت ڪندو ۽ پي ايس 71 بدين جي سيٽ تي جي يو آئي ف سردار ڪمال خان جي حمايت ڪندي ٻئي طرف سردار ڪمال خان چانگ نيشنل پريس ڪلب جي صحافين کي اهو به ٻڌايو ته ايس ٽي پي سان به سندس اتحاد ٿي ويو آهي مرزائن جا فارم بحال ٿيڻ ڪانپوءِ پيپلز پارٽي جي اندرين ذريعن کان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته پارٽي طرفان ٽڪيٽن جي ورهاست تي پ پ اندر به وڏا اختلاف پيدا ٿي ويا آهن ۽ نظر انداز ٿيندڙ پارٽي جي اهم عهدن تي ويٺلن مان ڪيترن سردار ڪمال خان سان رابطو ڪري ڪيس سندس حمايت جو نه فقط يقين ڏياريو آهي بلڪ ان جو اندر اندر ورڪ پڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي انهن ناراض ٿيندڙن ۾ بدين ميونسپل ڪميٽي ۾ پ پ جا ڪجهه ڪائونسلر به شامل آهن جن مان هڪ طارق ملاح هاشماڻي سردار ڪمال خان چانگ جي کلي حمايت ڪري ڇڏي آهي ۽ 2 ڪائونسلر مرزا جي فارم جي بحالي جي انتظار ۾ هئا ۽ هڪ ڪائونسلر گلزار احمد ميمڻ اڳ ۾ پ پ ڇڏي مسلم ليگ ن ۾ شامل ٿي ويو آهي سردار ڪمال خان چانگ بدين شهر ۾ پنهنجون چونڊ ڪيمپون پڻ قائم ڪري پنهنجي چونڊ مهم شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا سنڌيار 10

کي طئي ڪيل ضابطن تي سختي سان عملدرآمد ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي. ڪالهه سماجي تنظيم ناري فائونڊيشن پاران فافين، جي ايس ايف ۽ سي ايس ڊي اين جي گڏيل سهڪار سان "سياسي جماعتن ۽ اميدوارن سان اليڪشن ڪميشن جي اخلاقي ضابطن" بابت سکر پريس ڪلب ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو. سيمينار کي خطاب ڪندي ناري فائونڊيشن جي چيئرپرسن افشان اصغر ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انور مهرجيو ته اليڪشن ڪميشن پاران ملڪ اندر شفاف ۽ پرامن چونڊن لاءِ جوڙيل اخلاقي ضابطن تي عمل ڪرڻ سيني سياسي پارٽين ۽ چونڊ اميدوارن جي ذميواري آهي. هنن چيو ته پاڪستان اندر جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ شفاف چونڊون ضروري آهن. سيمينار ۾ ڳالهائيندي سکر جي پي ايس 24 تي تحريڪ انصاف جي اميدوار صفيه بلوچ ۽ اين اي 200 تي پي ٽي آئي اميدوار ڊاڪٽر ريناز ڪلوڙ چيو ته ملڪ اندر ٿيندڙ چونڊن ۾ اڳوات وڏي بدانتظامي تي ڌانڌلي پئي ٿئي. ملڪ جي وڏي پارٽي کي چونڊن مان ٻاهر رکڻ لاءِ هر سطح تي سمورا حربا استعمال ڪيا ويا. ايتريقدر جو پي ٽي آئي کان سندس ٻچاٽ جو نشان به کسيو ويو. اليڪشن ڪميشن طاقتورن جي دٻاءُ ۾ پي ٽي آئي جي اميدوارن کي حيرت انگيز نشان ڏنا آهن هن چيو ته اها ڪهڙي جمهوريت ۽ شفاف اليڪشن آهي جنهن ۾ هڪ وڏي پارٽي کي مڪمل آئوٽ ڪرڻ جي سازش جوڙي وئي آهي. پي ايس 24 تي ايم ڪيو ايم اميدوار ايڊووڪيٽ سراج احمد خان چيو ته پاڪستان اندر اليڪشن پئسن جي راند ٿي وئي آهي. ملڪ ۾ سياسي ڪارڪنن جو مستقل خاتمو ٿي ويو آهي. سيٺ ڪارن، صنعتڪارن ۽ جاگيردارن سياسي پارٽين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي طئي ڪيل ضابطن تي عملدرآمد ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي آهي. مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ چيو ته سيني سياسي پارٽين کي شفاف چونڊ عمل لاءِ صبر ۽ تحمل سان گڏ جمهوري رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. پي پي پي عورت ونگ اڳواڻ قمرالنساء قلپوٽو ۽ سماجي اڳواڻ عزالا ڪاشف چيو ته پرامن ۽ شفاف چونڊون ئي ملڪ جي لاءِ بهتر آهن. سياسي پارٽيون مقابلي سان گڏ ضابطن تي عمل ڪن. سيمينار کي جي ايس ايف (ايڪوئپ- (EQUIP) جي پروگرام مئنيجر زبير حسين، ايڊووڪيٽ حيدر مهر، سول سوسائٽي اڳواڻ زاهد خاصخيلي، مسلم ليگ فنڪشنل يوٿ اڳواڻ ارباز عباسي، ايڊووڪيٽ رابعه ڀٽي، صنم، عبدالمنان، راحيلا انصاري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 11

جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته اجلاس جي ڪاروائي دادو ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر فاطمه گهلو ڪئي اجلاس ۾ سيني اميدوارن کي ٻڌايو ويو ته سيني تي فرض آهي ته اليڪشن ڪميشن پاڪستان جي قوانين تي عمل ڪيو وڃي سيني اميدوارن کي اليڪشن ڪميشن پاران جاري ڪيل ضابطا اخلاق بابت آگاهه ڪيو ويو آهي، ان موقعي تي دادو ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر/ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض احمد راهوجو اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو ته ڪو به سرڪاري ملازم اليڪشن ۾ ڪنهن به سياسي پارٽي جي اميدوار جي ورڪ ڪندي يا سندس خلاف شڪايت ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر کي موصول ٿي ته سندس خلاف اليڪشن ڪميشن پاڪستان جي قوانين موجب سخت ايڪشن ڪيو ويندو. اجلاس ۾ اليڪشن ڪميشن پاران جاري ڪيل چونڊ ضابطن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ڪهي، ڊي آر او/دادو ڊپٽي ڪمشنر فياض احمد راهوجو وڌيڪ چيو ته صاف شفاف ۽ اڻ ڏريون چونڊون ڪرائڻ اسان سيني جو قومي

فرض آهي جنهن لاءِ اسان سيني ادارن کي اليڪشن ڪميشن سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ گهرجي ۽ پولنگ اسٽيشنز ۾ گهربل سهولتون فهرام ڪرڻ واري عمل کي هنگامي بنيادن تي پورو ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن ووٽرن کي اليڪشن جي ڏينهن تي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه اچي. ان موقعي تي دادو ايس ايس پي شبير احمد سيٺار چيو ته عام چونڊن دوران امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس پاران فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن ڪنهن به امڪاني هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪانٽيجنسي پلان مرتب ڪيو آهي. جڏهن ته اجلاس ۾ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر دادو سيد شاهد علي رضوي، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سيد محمد شاهه ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر ميڊم فاطما گهلو، صفدر حسين ميراڻي آر او اين اي 227 ميهڙ ڪي اين شاهه، سميع الله وگڻ آر او اين اي 228، پي ايس 82 بشارت حسين ماهوٽو آر او دادو، منيب سومرو آر او پي ايس 83 ڇهد جاگيراڻي آر او ڪي اين شاهه 80، مولاداد دراني آر او ميهڙ 81، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر فوڪل پرسن عبدالسلام ميمڻ ۽ اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 12

. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪوٽ ڏجي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. محمد مبين جمالي چيو ته ايران ۽ پاڪستان جا تعلقات هڪ ٿيڻ گهرجن ايران ۾ اسانجي مقدس زيارتون آهن ايران ۽ پاڪستان مسلم ملڪ آهن ڪشيدگي ختم ٿيڻ گهرجي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته گهٽ وقت ۾ مڪاني اداري ۾ بهتري آئي آهي ٿ روڊ ميپ ڏنو آهي جيڪڏهن اچڻ وارا ان تي عمل ڪندا ته بهتر ٿي ويندو. هڪ سوال جي جواب ۾ محمد مبين جمالي چيو ته چيو ته جيڪڏهن بلديات کاتي جا آفيسر ڪنهن سياسي جلسي ۽ ڪارنر ميٽنگ ۾ نظر اچن ٿا ۽ انهن جا ثبوت مليا ته ڪاروائي ضرور ٿيندي. نگران صوبائي وزير محمد مبين جمالي چيو ته عوام ووٽ ڪنهن کي ڏيڻ چاهن ٿا اهڙو فيصلو هو پاڻ ڪندا جيڪي انهن سان مشڪل وقت ۾ ساٿ هيا يا نه هئا هر عوام کي خبر هوندي ووٽ سوچي سمجهي ڏين. هن چيو ته مان هميشه انسانيت خاطر عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪندو رهندس مان ڪڏهن به ڪنهن کان ووٽ ناهي گهريو

بقايا سنڌيار 13

ڪيو ويندو. حساس پولنگ اسٽيشنن تي رينجرز مقرر ڪئي ويندي اجلاس دوران ڊي سي سکر ٻڌايو ته سکر ضلعي ۾ 641 پولنگ اسٽيشنون آهن جڏهن ته 151 انتهائي حساس ۽ 230 حساس پولنگون جڏهن ته 260 نارمل آهن جڏهن ته 14 پولنگ اسٽيشن تي فرينجر ۽ خيمن جي ضرورت آهي. اجلاس ۾ ڊي سي خيرپور ٻڌايو ته خيرپور ضلعي ۾ 906 پولنگ اسٽيشنون آهن جن ۾ 373 انتهائي حساس ۽ 428 حساس پولنگون آهن ۽ 105 نارمل آهن جڏهن ته اجلاس دوران ڊي سي گهوٽڪي ٻڌايو ته گهوٽڪي ضلعي ۾ 728 پولنگ اسٽيشنون آهن جن ۾ 269 انتهائي حساس ۽ 290 حساس پولنگون جڏهن ته 169 نارمل آهن جڏهن ته ڪجهه پولنگ اسٽيشن تي فرينچر ۽ خيمن جي ضرورت آهي ان موقعي تي ڪمشنر سکر نادرا جي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته جن ماڻهن جا ڪارڊ بلاڪ آهن انهن ماڻهن جا ڪارڊ پوليس ويريفيڪيشن ڪرائي کولرايا وڃن اجلاس دوران ڪمشنر سکر ڊي سي سکر کي هدايتون ڏيندي چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر سان رابطو ڪري جتي قبضا ٿيل آهن اهي ختم ڪرايا وڃن ۽ انهن جا منتس ڏنا وڃن ته جيئن اهي جلد ازجلد لکت ۾ سيڪريٽري ڏانهن اماڻي سگهجن اجلاس ۾ خيرپور، سکر ۽ گهوٽڪي جي ڊپٽي ڪمشنرز، رينجرز جي ونگ ڪمانڊر، اسسٽنٽ ڪمشنرز، نادرا، سيپڪو، روينيو، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ۽ تمام لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 14

مختلف ڳوٺن جو دورو ڪري پارٽي اڳواڻن ۽ ورڪر سان ملاقاتون ۽ تعزيتون پڻ ڪيون انهي ڪان علاوه سيد غوث علي شاهه ڳوٺ خانڻ ٻرڙو پهچي جي ڊي اي اڳواڻ مختيار احمد ٻرڙو جي سوٽ، غلام علي ٻرڙو جي سوٽ ۽ نور احمد ٻرڙو سان ماروٽ جي وفات تي تعزيت پڻ ڪئي ان موقعي تي سيد علي گل شاهه وڏيرو بابو خان ٻرڙو انجنيئر بشير احمد ٻرڙو اختيار احمد ٻرڙو آصف علي ٻرڙو غلام نبي ٻرڙو ۽ ڪافي تعداد ۾ جي ڊي اي اڳواڻ ۽ ڪارڪن سائنس پڻ گڏ هيا

بقايا سنڌيار 15

سائينداد بيت الشهيد جي سرهندي پنهنجي هزارين ماڻهن سان گڏجي پ پ ۾ شموليت ڪري سوني پي سهاڳي وارو ڪم ڪري ڇڏيو جڏهن ته انهي موقعي تي پ پ چئيرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سرهندي خاندان جي پير عمر خليل جان سرهندي پير معصوم جان سرهندي ۽ پير مجدد جان سرهندي شهيدن جي پارٽي ۾ شموليت ڪري پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته انشاالله تعالي مرڪز توڙي صوبي ۾ چونڊون ۾ سوپ ماٽي ضلعي توڙي پوسي ٽنڊو سائينداد جي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏينداسين.

بقايا سنڌيار 16

۾ لاڏائو ڪري ويئي سندس مڙهه کي ڪراچي کان ڳوٺ صالح مهر ۾ ايمبولنس ذريعي پهچايو ويو سوڳ ۾ صالح مهر اسٽاپ مڪمل تور بند ٿي ويو مرحوما جي جنازي نماز سندس ڳوٺ صالح مهر ۾ ادا ڪئي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻ صحافين سميت ڪيترن ئي ڳوٺ جي چڱن مڙس شرڪت ڪئي مرحوما جي جنازي ادا ڪرڻ بعد سندس مڙهه کي اباڻي قبرستان پير بائڊ بگوشير بادشاهه ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته سندس وارثن ظهور احمد خان مهر ڊاڪٽر شڪور احمد خان مهر منظور احمد خان مهر ۽ ڊاڪٽر خالد احمد خان مهر سان تعزيت جو سلسلو سندن ڳوٺ صالح مهر ۾ هلندڙ آهي.

بقايا سنڌيار 17

خدمت ڪنداسين مير اعجاز خان جکراڻي اڳي اسان کي وسارو ڪيو هو هاڻ نه وسارڻ گهرجي مير جاويد خان بليدي جي تقريب کي خطاب تعلقي ڳوٺي خيرو مير اعجاز خان جکراڻي ميراورنگزيب پنهور جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 18

الطاف حسين انڙ، عدنان الطاف حسن انڙ، پ پ اڳواڻ منظور خان جوڻيجو، پ پ سٽي صدر قاضي جميل احمد جوڻيجو، بدرالدين ساريو، عاشق حسين ميمڻ، پ پ اڳواڻ فدا حسين ابڙو، سيد حامد علي شاهه، پيپلزپارٽي تعلقي اڳواڻ نياز حسين سرهو، پ پ اڳواڻ لياقت علي سومرو، سيد امجد علي شاهه، سيد عظيم شاهه، شهمير علي ميراڻي، منظور علي ڪوڪر، شوڪت علي سومرو، ضمير حسين پٽي، علي اصغر ميمڻ، سڪندر چنو، جاويد تنيو، بشير احمد سولنگي، حافظ رجب سولنگي، ذوالفقار علي جتوئي، زوار عبدالحميد ڪوڪر، فقير محمد سومرو، نثار احمد جتوئي، جنيد فدا حسين ابڙو، عبيد جوڻيجو، ذوالفقار جوڻيجو، فيصل رضا ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تاريخي جلسي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي اڳواڻ پي ايس 13 اميدوار عادل الطاف حسين انڙ، عدنان الطاف حسن انڙ، بدرالدين ساريو، قاضي جميل احمد جوڻيجو، عبدالحميد جيسر، فدا حسين ابڙو، لياقت علي سومرو، علي اصغر ميمڻ، جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ اينڊ اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جا اميدوار ڪامياب ٿي مخالفن کي عبرتناڪ شڪست ڏيندا. هنن چيو ته لاڙڪاڻو ضلعو پاڪستان پيپلزپارٽي جو قلعو آهي. انڙ خاندان ٻهرين به عوام جي خدمت ڪئي آهي. هاڻي به عوام جي ڀرپور خدمت ڪنداسين. هنن چيو ته پي ايس 13 تي عادل الطاف حسن انڙ ۽ اين اي 195 تي نظير احمد خان ٻگهيو ڪامياب ٿي چڪا آهن بس سرڪاري نتيجا 8 فيبروري تي نڪرندا. هنن پي ايس 13 ۽ اين اي 195 جي عوام کي اپيل ڪئي ته 8 فيبروري تي وڌ کان وڌ گهرن مان ٻاهر نڪري اچي پولنگ اسٽيشن تي تير تي ٺپو هڻي وڏي اڪثريت سان ايم پي

اي عادل الطاف حسن انڙ ۽ ايم اين اي نظير احمد ٻگهيو کي ڪامياب ڪيو اها ڪاميابي ڏوڪري باقراڻي تعلقن جي عوام جي ڪامياب آهي.

بقايا سنڌيار 19

جو اظهار پي ايس 10 رتوديرو جي آزاد اميدوار محمدعلي ابڙو صحافين سان ملاقات ۾ ڪيو هن جو چوڻ هو ته پ پ حڪومت 20 لک گهرن جا ڪوڙا ڏنا ڏئي عوام کي ڏوڪو ڏنو. ٻوڏ متاثرن جي نالي تي اربين ڪروڙين روپيا ناهيا آهن. جنهن جو حساب عوام هنن کان اليڪشن ۾ وٺندو. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته عوام اڪيون کولي 8 فيبروري ڪريٽ ٽولن کان حساب وٺڻ جو ڏينهن آهي رتوديرو جون مختلف برادرين جو اسان تي اعتماد آهي مخالفن جو ڀرپور مقابلو ڪنداسين اسان جو منشور ڪرپشن ڪندڙ چورن کي چورن تي تنگ مظلومن جي قانوني مدد ڪرڻ ٻهراڙين ۾ نيائين جي تعليم کي عام ڪرڻ. غريب مسڪين ماڻهن لاءِ هر ڳوٺ ۾ ايمبولينس سروس جو بندوبست ڪرڻ. هر علائقي ۾ ليبارٽريون قائم ڪرڻ. نوجوانن لاءِ سڪيا جا هنري مرڪز قائم ڪرڻ. غريب ۽ امير جي علاج ۽ تعليم وارو فرق ختم ڪرڻ آهي.

بقايا سنڌيار 20

حافظ گل حسن ڪاتيار غلام حسين ڪاتيار ۽ ڳوٺ بجو ميربحر ۾ صدام ملاح ماڪرڙو ملاح پاران منقد ڪيل گڏجاڻي ۾ خطاب ڪندي چيو ته اسان هميشه پيپلزپارٽي کي ووٽ ڪندا آيا آهيون ۽ مصيبتن ۾ پيپلزپارٽي ڪنهن جو به ساٿ نه ڏنو آهي ٻوڏ هجي طوفان هجي ڪهڙي به آفت هجي ۾ اسان کي پوري ضلعي مان پيپلزپارٽي وارن ڪڏهن به اسان جي مدد ناهي ڪئي 15 سال جي حڪومت ۾ اسان کي صرف ڪوڙا دلاسا ڏنا ويا آهن اليڪشن جي دوران ووٽ وٺي وري 5 سالن کان پوءِ اسان کي منهن ڏيکارڻ ايندا آهن جڏهن ته ڊاڪٽر قادر مگسي جو چوڻ هو ته هتي پيرين ميرن جي سياست گهٽي ٿي وئي اسان جو ساٿ ڏيو اسان توهان سان هر مشڪل وقت ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهنداسين اسان پوري سنڌ جي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ ميدان تي لٿا آهيون انشاءالله 8 تاريخ تي اسان کي ووٽ ڪري اسان کي هڪ ڀيرو آزمائي ڏسو

بقايا سنڌيار 21

مري ڪئي. جڏهن ته ماحوليات ۽ موسمياتي تبديلي وارو نگران صوبائي وزير ارشد ولي محمد خاص مهمان هو. ڪانووڪيشن دوران سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي مختلف فيڪلٽين، انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر، انسٽيٽيوٽ آف فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو زرعي ڪاليج ڏوڪري، خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ۽ سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي 811 شاگردن ۾ ڊگريون ورهايون ويون، جن ۾ 602 بيچلرس ۽ 150 ماسٽرس ڊگريون ۽ 59 پي ايڇ ڊي ڊگرين سان نوازيو ويو. اهڙي ريت پوزيشنون حاصل ڪندڙ 100 گريجوئيٽس کي ميڊل پڻ ڏنا پيا وڃن جن ۾ 36 گولڊ ميڊلز 33 سلور ۽ 28 سلور ميڊلز گلٽ ايج ميڊلز شامل آهن. ان موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري چيو ته اڄوڪو ڏينهن شاگردن، والدين ۽ استادن لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي ۽ هاڻي نوجوانن جي نئين ڪيريئر جي شروعات ٿي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي پنهنجي ڪاليجن ۽ ڪئمپسز ۾ ڇوڪرين جي فيس معاف ڪري غريب والدين جي پنهنجي نياڻين کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو خواب پورو ڪري رهي آهي. جڏهن ته شاگردن لاءِ اسڪالرشپ ۽ انٽرن شپ جا به ڪيترائي موقعا موجود آهن. هن چيو ته اسان جا ماهر ناياب جانورن جي نسلن جي بهتري ۽ هارين کي تصديق ٿيل ٻج فراهم ڪرڻ لاءِ سيڊ امپرومينٽ پروگرام تي سرگرم عمل آهن. ماحوليات ۽ موسمياتي تبديلي جي نگران صوبائي وزير ارشد ولي محمد چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي زرعي تدريس ۽ تحقيق ۾ وڏيڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن چيو ته موسمياتي تبديلين، زمين جي پيداواري صلاحيت ۾ گهٽتائي، پاڻي ۾ لوڻيٽ سبب ملڪ جي زراعت متاثر ٿي رهي آهي. تنهنڪري ماهرن کي سمارٽ زراعت جي پريڪٽسز تي پاڙڻ گهرجي. هن چيو ته مان وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي زرعي يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق جي ترقيءَ لاءِ بجيٽ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪردار ڪرڻ لاءِ چوندس. هن چيو ته انڊسٽري کي گهرجي ته نوجوان کي ڪاروباري اسٽارٽ اپس لاءِ سهڪار ڪن. سنڌ زرعي يونيورسٽي جي اڳوڻي ۽ باني وائيس چانسلر ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي تعليمي ادارن ۾ يوٿ ڪلچر جو بنياد رکيو ۽ ڪنووڪيشن دراصل يونيورسٽي جي غير معمولي شاگردن پاران حاصل ڪيل اهم سنگ ميلن جو جشن آهي. هن چيو ته سنڌ، پنهنجي زرخيز سنڌو ماٽري سان گڏ، زراعت جي حوالي سان هڪ شاندار تاريخ رکي ٿي. ان موقعي تي مختلف يونيورسٽين جا وائيس چانسلرز، زرعي تدريسي ۽ تحقيقي ادارن جي سربراهن، ڊينز، استادن ۽ آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

۽ پسگردائي جي معزز شهرين کي خطاب ڪرڻ دوران ڪيو. هن چيو ته هڪ پاسي خانگڙه شريف جو مهر خاندان سخاوت سبب ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ مشهور آهي ته ٻي پاسي گهوٽڪي ضلعي ۾ ڪيل مثالي خدمتن ۽ نمايان ڪارڪردگي سبب ممتاز حيثيت جو حامل آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان متان هميشه عوام جو ڀرپور اعتماد رهيو آهي هن چيو ته ملڪ ۾ چونڊن جو ماحول جڙي ويو آهي. پنهنجن ٻرائن اتحادين جيالن ۽ ورڪرن سان مشاورتي گڏجاڻين جو سلسلو جاري آهي مشاورت بعد پوري حڪمت عملي سان ميدان ۾ لهنداسين. هن وڌيڪ چيو ته هن دفعي ڏرن آئوٽ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن رڪارڊ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي. انڪان علاوه چيف سردار محمد بخش خان مهر مختلف وفدن سان گڏجاڻي ڪئي مشاورتي گڏجاڻي ۾ حاجي خان مهر، حاجي زبردست خان مهر، مير خان مهر ۽ ٻيا پڻ گڏهئا

بقايا سنڌيار 23

هائوس هنگورجا پهتي جتي سندس جو گلاب جي گلن سان شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ پنڊال ۾ موجود جيالين ۽ جيالن ڀرپور جيئي ڀٽو جا نعرا هڻندا رهيا جڏهن ته هن تقريب ۾ پ پ جا اڳواڻ سردار خان چانڊيو، سهيل انور سيال، سيدابرار شاهه، مقصود خان خشڪ، سيدنفيسا شاهه، نعيم احمد ڪرل، سيد بچل شاهه، هالار وسان، غزالاسيال، مهرين ڀٽو، جاويد علي شاهه، شيراز شوڪت راجپر، ساجد ڀاڻ سميت ضلعي خيرپور ۽ نوشهروفيروز جي پ پ اميدوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري ۽ سيد محرم علي شاهه لڪياري پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي لونگي ۽ اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ان موقعي تي پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ميڊم فريال ٽالپور خطاب ڪندي چيو ته 8 فيبروري تي عوام تيرتي ٺپو هڻي پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪندو ۽ انشاالله ملڪ جو ايندڙ نوجوان وزيراعظم بلاول ڀٽو هوندو ان دوران پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري ميڊم فريال ٽالپر کي پ پ جي طرفان سيني ٽڪن تي بيٺل اميدوارن جي سپورٽ ڪرڻ جو يقين پڻ ڏياريو ۽ آخر ۾ ميڊم فريال ٽالپر پاران بهترين ۽ ڪامياب پروگرام ڪرڻ تي پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيائين ته آءُ اوهان سان وعدو ڪيو هئم ته اوهان وٽ ضرور ايندم جيڪو ڪيل واعدو پورو ڪيم!!

بقايا سنڌيار 24

روڪيو ويو ته انهي مان چرس جا به ڪتا ٻريل مليا پوليس پڻ جوابدارن شير علي پٽ محمد صالح ڪوسو اياز علي پٽ عباس علي ڪوسو کي گرفتار ڪيو جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت سب ايس آئي پي جاويد علي جي فرياد تي تعلقي ٿاڻي تلهار تي ڪاروائي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف اعتبار جوڳن ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته پوليس پارٽي کي انهي ڪاروائي دوران 30 ڪلو کان به مٿي اعليٰ ڪواليٽي جو چرس مليو آهي ۾ پوليس چرس جو صرف ڪجهه حصو ظاهر ڪيو آهي باقي سمورو چرس ٿاڻي جي ايس ايڇ او، ٿاڻي جو وڏو منشي تين وال ڪري ڇڏيو ذريعن ته اها به دعويٰ ڪئي آهي ته پوليس پارٽي کي ڪاروائي دوران پڻ ڪان وڌيڪ جوابدارن کي حراست ۾ ورتو هو باقي ٻئي جوابدارن کي ڏيتي ليتي بعد ڇڏيو ويو

حافظ نعيم چيو ته جيڪڏهن ڪو آفيسر پنهنجي عهدي کي ۽ پنهنجي اداري کي چنگي ريت نه توهلائي سگهي ته هو فورن پنهنجي نوڪري مان برطرف ٿي گهر هليو وڃي ۽ ڪراچي جي عوام کي پريشاني مان بچايو وڃي نه ته هي احتجاجي مظاهرو وڌي به سگهي ٿو

پاران هٽن ۾ بلي ڪارڊ ۽ گيس جا بل ڪٽي مين آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڇٽي نعريبازي ڪئي وي احتجاجي مظاهري ۾ عورتن ۽ مردن شرڪت ڪئي احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم ڪئي احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي حافظ نعيم چيو ته ڪراچي اهو واحد شهر آهي جيڪو ٻين شهرن ڪان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪري ٿو ۽ آبادي جي لحاظ ڪان به وڏو شهر ۾ بدقسمتي سان ان شهر کي حڪومت

بدين ميونسپل ڪميٽي ۾ پ پ جا ڪجهه ڪائونسلر به شامل آهن جن مان هڪ طارق ملاح هاشماڻي ردار ڪمال خان چانگ جي کلي حمايت ڪري ڇڏي آهي ۽ 2 ڪائونسلر مرزا جي فارم جي بحالي جي انتظار ۾ هئا ۽ هڪ ڪائونسلر گلزار احمد ميمڻ اڳ ۾ پ پ ب ڇڏي مسلم ليگ ن ۾ شامل ٿي ويو آهي سردار ڪمال خان چانگ بدين شهر ۾ پنهنجون چونڊ ڪيمپون پڻ قائم ڪري پنهنجي چونڊ مهر شروع ڪري ڇڏي آهي

CLICK
Competitive and Livable City of Karachi
Local Government Department, Government of Sindh

ڪامپيٽيٽو اينڊ ليوايبل سٽي آف ڪراچي
لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

دلچسپي جي اظهار لاءِ درخواست

ملازمن/ اسٽاف جي سليڪشن

1. پاڪستان جي حڪومت کي انٽرنيشنل بئنڪ فار ريڪنسٽرڪشن اينڊ ڊولپمينٽ (IBRD) کان هڪ ڪريڊٽ حاصل ڪيو آهي مقابلي واري ۽ قابل رهڻ لائق سٽي آف ڪراچي (CLICK) منصوبي جي لاڳت لاءِ ۽ ٽيڪس پاليسي ايڊوائيزر جي معاهدي تحت ادائيگين تي آمدني جو حصو لاڳو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو.
2. PIU ڪلڪ ڪريو لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ هاڻي اهل درخواست ڏيندڙن کي دعوت ڏئي ٿي ته اهي CVs ذريعي خدمتون مهيا ڪرڻ ۾ پنهنجي دلچسپي جو اظهار ڪن.
3. اهل اميدوارن کي هيٺين قابليت، تجربو ۽ صلاحيتون هونديون جيئن پوزيشن جي خلاف بيان ڪيل آهي:

ايس. نمبر	پوسٽ جو نالو	قابليت ۽ تجربو
01	ٽيڪس پاليسي ايڊوائيزر	• ترقي يافته درجي (16 سال) اقتصاديات، فنانس، انتظام ۾، اڪائونٽنگ يا لاڳاپيل فيلڊ. • گهٽ ۾ گهٽ 12 سالن جو تجربو ٽيڪس پاليسي، پراپرٽي ٽيڪس تي ڌيان ڏيڻ سان. • مضبوط تجزياتي صلاحيتن ۽ قابليت پيچيده معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ. پاڪستان ۾ سرڪاري آفيسرن ۽ اسٽيڪ هولڊرز سان ڪم ڪرڻ جو تجربو • بهترين مواصلاتي صلاحيتن. پيچيده معلومات کي واضح ۽ جامع انداز ۾ پيش ڪرڻ جي صلاحيت ۽ ڪمپيوٽر جي صلاحيتن سميت. • ترجيح ڏني ويندي اميدوارن کي جن ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن گورنمينٽ کاتي ۾ ڪم ڪيو آهي • ڊونر جي فنڊ سان گڏ اڳوڻو تجربو ۽ عوامي منصوبن کي مناسب وزن ڏنو ويندو

4. دلچسپي رکندڙ اميدوار پنهنجي دلچسپيءَ جو اظهار CV ۽ معاون دستاويزن سان گڏ ڪوريئر جي صورت ۾ پروگرام ڊائريڪٽر PIU (CLICK) کي اي ميل info@click.gos.pk ذريعي هن اشتهار جي اشاعت جي ستن (07) ڏينهن اندر داخل ڪري سگهن ٿا.
5. صرف شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن سان رابطو ڪيو ويندو. ڪامياب اميدوارن کي مسابقتي مارڪيٽ جي بنياد تي معاوضي وارو پيڪيج پيش ڪيو ويندو.

(ضياءُ الدين ميراڻي)
ڊپٽي پروگرام ڊائريڪٽر
PIU_LG-CLICK

INF/KRY#154/2024

پڙهندي سنڌ ته ... وڌندي سنڌ